Discussion Paper-VI

سنڌ ڪيس سيريز – 7

# صوبائي خودمختياريءَ کانسواءِ پاڪستان هلي سگهندو؟

اياز علي

CPCS
Creativity | Credibility | Commitment

**Can Pakistan Survive without Provincial Autonomy?**

# صوبائي خودمختياري کانسواءِ پاڪستان هلي سگهندو؟

اياز علي

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
127 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401
E-Mail: info@cpcs.org.pk
www.cpcs.org.pk

سيپ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

31

ڪتاب جو نالو: صوبائي خودمختياري کانسواءِ
پاڪستان هلي سگهندو؟
موضوع: سنڌ ڪيس
ليکڪ: اياز علي
ڪمپوزنگ ۽ ٽائيٽل ڊزائننگ: سليمان سميجو
سال: فيبروري 2011ع
ڇپائيندڙ: سي پي سي ايس
ڪُل 56
مُلهہ: 100 روپيا

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي
ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي
سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
فڪشن هائوس، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
گل ڪتاب گهر، شڪارپور
جنيد ڪتاب گهر، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر
مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص
هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص
ماروي ڪتاب گهر ٽنڊوالهيار

All Rights Reserved
Book Title: Can Pakistan Survive without Provincial Autonomy?
Subject: Sindh Case Series-7
Author: Ayaz Ali
Year: February 2011
Published by: CPCS

**سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو**

## فهرست


1 – پاڪستان ڪيئن ۽ ڇو ٺهيو؟ 5

2 – پاڪستان ۾ قومي ڦرلٽ جا بنياد 13

3 – ننڍين قومن جي گڏيل بدقسمتي 20

4 – پنجابي ۽ مهاجر قوتن جو عارضي ٽڪراءُ 22

5 – بنگالي قوم جو استحصال 26

6 – قومي ٽڪراءُ جي بدليل صورت ۾ سنڌ 31

7 – 1973ع جو آئين ۽ صوبائي خودمختياري 38

8 – صوبائي خودمختياري ڪانسواءِ پاڪستان هلي سگهندو؟ 41

## ارپنا

ذاتي طور مان جناح جي جمهوريت پسندي،
مارڪس جي سائنسي سوشلزم
واري نظريي ۽
بئريسٽر غلام محمد خان
پرڳڙي جي اصول پسندي
کان تمام گھڻو متاثر آهيان.
مان پنهنجو هي ڪتاب انهن
ٽنهي شخصيتن جي نالي منسوب
ڪريان ٿو–

# پاڪستان ڪيئن ۽ ڇو ٺهيو؟

عام طور هتي اهو ڇيو ويندو آهي ته پاڪستان ٻه ـقومي نظريي جي بنياد تي ٺهيو يعني ائين چئي اسان کي اهو ٻڌايو ويندو آهي ته پاڪستان جي سڄي جوڙجڪ مذهبي بنيادن تي ٿي. دراصل اهڙي سوچ اسان وٽ مذهبي ڏرين جي ان غير حقيقي ۽ مفاد پرست سوچ کي ئي هٿي پهچائي ٿي، جنهن مطابق اهو ڇيو ويندو آهي ته پاڪستان ”اسلام“ لاءِ ٺاهيو ويو جيڪا ڳالهه نه رڳو غلط آهي، پر سڌي سنئين غير حقيقي به آهي. اهوئي سبب آهي جو ذاتي طور مون ان سوچ سان ڪڏهن به اتفاق ناهي ڪيو ۽ مان سمجهان ٿو ته اهڙي سوچ دراصل ننڍي کنڊ جي مخصوص معروضي ۽ سياسي حالتن کي نه سمجهڻ يا انهن کان سڌي سنئين اڻڄاڻائيءَ جو ئي هڪ نتيجو آهي. منهنجي خيال ۾ پاڪستان ٺهڻ جو بنياد مذهب يا ٻه – قومي نظريو نه پر سڌوسنئون هڪ سياسي معاملو آهي، جيڪو دراصل گڏيل هندستان ۾ رياستي اختيارن ۾ توازن رکڻ لاءِ اقليتن طرفان صوبائي خودمختياريءَ جي گهر واري سياسي معاملي سان ئي مشروط هو. (بلڪل ائين ئي جيئن هتي اسان وٽ پاڪستان ۾ وڏي صوبي پنجاب ۽ ننڍن صوبن جي وچ ۾ رياستي اختيارن ۾ برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ ۽ توازن رکڻ لاءِ صوبائي خودمختياريءَ جي گهر وارو سياسي معاملو آهي). جنهن کي ڪانگريس ۽ ان جي هندو ليڊر شپ سنجيدگيءَ سان حل ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه هئي، اهوئي سبب آهي جو آل انڊيا مسلم ليگ جي ان معاملي تان ڪانگريس سان هڪ وڏي سياسي ڇڪتاڻ شروع ٿي، جنهن جي منطقي نتيجي طور وري پاڪستان ٺهيو. اهو سڀ ڪيئن ٿيو؟ يا اها ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ پيدا ٿيل سياسي ڇڪتاڻ ڇا هئي؟ ان کي سمجهڻ لاءِ مان هيٺ ڪجهه پيرائتي ڳالهه ڪندس.

اها حقيقت آهي ته ٻي عالمي جنگ (1939ع – 1944ع) کان پوءِ انگريز خاص طور برطانيا ڪمزور ٿي چڪو هو اهوئي سبب آهي جو ان دنيا ۾ قائم ڪيل پنهنجين سمورين بيٺڪيتن (Colonies)سميت هندستان مان به نڪري وڃڻ جو فيصلو ڪيو انگريزن ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن کان حڪومت کسي ان تي قبضو ڪيو هو ۽ لڳ ڀڳ 2 سئو سال ننڍي کنڊ تي حڪمراني ڪئي. ان سڄي عرصي دوران انگريزن هڪ طرف هڪ سوچيل سمجهيل پاليسي ۽ رٿابنديءَ تحت ننڍي کنڊ ۾ هندو اڪثريت تي هٿ رکي، کين مسلمانن جي پيٽ ۾ وڏيڪ رياستي قائدن ۽ رعايتن سان نوازي، هر طرح سان اڳتي آڻي سياسي، معاشي، رياستي، اقتصادي، تعليمي ۽ سماجي ترقيءَ جا کين سمورا ڀرپور موقعا ڏئي، هڪ وڏي سياسي قوت طور اڀاريو ته ٻئي طرف وري مسلمانن لاءِ سندن سياسي، سماجي، معاشي، رياستي ۽ تعليمي ترقي توڙي اوسر جا سمورا رستا بند ڪري، کين هر

طرح سان سياسي ۽ رياستي قائدن ۽ رعايتن کان محروم رکي، ڪين مستقل طور ڪمزور ۽ بي اثر اقليت طور رکڻ لاءِ ڪابہ ڪسر باقي نہ ڇڏي، پر جيئن تہ سائنس جو هڪ اصول آهي تہ جنهن شيءِ کي جيتري تيزيءَ سان دٻائبو اها وري اوتري تيزيءَ ۽ شدت سان اڀري نروار ٿيندي آهي.*°° ايئن ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن کي جتي ٻيائي، فرق ۽ سياسي متڀيد واري پاليسيءَ سببان دٻائي، ڦري، هيسائي سمورن حقن ۽ مفادن کان محروم رکيو ويو، اتي وري مسلمان تعليمي ۽ سماجي ترقيءَ جا اڪيچار ڏاڪا تيزيءَ سان طئي ڪري ننڍي کنڊ ۾ پاڻ کي هندن جي مقابلي ۾ هڪ اثرائتي ۽ سگهاري سياسي سگهہ ۾ بہ تبديل ڪري ڇڏيو ان ڏس ۾ سر سيد احمد خان، علامہ اقبال، ڊاڪٽر عبدالجبار خيري، عبدالقادر بلگرامي ۽ مولانا محمد علي جوهر جهڙن اڪيچار مسلمان عالمن جي ڪيل ڪم ۽ محنت کي بلڪل نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. بهرحال ائين واضح طور تي ڪانگريس ننڍي کنڊ ۾ هندو اڪثريت جي نمائنده پارٽي بڻجي اڀري آئي تہ وري مسلم ليگ مسلمان اقليتن جي واضح طور تي هڪ نمائنده قوت بڻجي ظاهر ٿي، اها حقيقت آهي تہ ننڍي کنڊ ۾ هندو آبادي واضح طور تي قطعي عددي اڪثريت ۾ هئي، جنهن سببان منجهس ايترو تہ غرور، تڪبر ۽ هٺ پيدا ٿي چڪو هو جو اها مستقل طور تي ننڍي کنڊ جي مسلمان اقليتن ڏانهن هڪ شائونسٽ، سامراجي ۽ تعصب پرست رويو روان رکي ڇڏيو هو. اهوئي سبب آهي جو اها (ڪانگريس جي صورت ۾) اقليتن کي گڏيل هندستان جي رياستي معاملن ۾ جائز حق ۽ حصو بہ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي، اهڙيءَ طرح جڏهن انگريزن پنهنجن اڻ—ٺر مجبورين ۽ ڪمزورين سببان هندستان مان نڪري وڃڻ ۽ رياستي اختيا توڙي اقتدار اعليٰ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کي حوالي ڪرڻ لاءِ ڪين ڊيڊ لائين ڏني تہ ٻنهي ڌرين ۾ هڪ اڻ—ڪٺ سياسي ۽ رياستي نوعيت جي ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي، هڪ طرف ڪانگريس ۽ ان جي هندو ليڊر شپ هئي.

جيڪا دراصل گڏيل هندستان ۾ مضبوط وفاق جي نالي تي اقليتن کي برابريءَ جي بنياد تي اختيار ۽ حق ڏيڻ بدران ڪين هندو تسلط هيٺ مستقل طور تي غلام ۽ محڪوم رکڻ پئي گهريو تہ وري ٻئي طرف جناح ۽ مسلم ليگ هئي جيڪا دراصل ڪانگريس سان اقليتن خاص طور مسلم اقليتن جي جائز خودمختياري ۽ خود اختياريءَ جي حوالي سان ڪوبہ ڪمپرومائيز ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي ۽ ور ور ڏئي اهو پئي چيو تہ گڏيل هندستان جي گڏيل وفاق ۾ مسلم اقليتن کي برابريءَ جي بنيادن تي نمائندگي ڏئي، سندن خودمختياري ۽ خوداختياريءَ جي مڪمل آئيني ۽ قانوني ضمانت ڏني وڃي، جو فقط اهڙي صورت ۾ ئي گڏيل هندستان جو گڏيل وفاق مضبوط ۽ طاقتور ٿي، عوام جي

°° * ان ڏس ۾ نيوٽن جي علم فزڪس ۾ پيش ڪيل ان ڪائناتي سائنسي قانون Every action has its equal and opposite reaction (يعني هر عمل جو ان جي برابر ۽ مخالف ردعمل هجي ٿو). کي ضرور سمجهڻ گهرجي _ ليکڪ

سڀ طرفي ترقي، بهتري، ڀلائي ۽ خوشحاليءَ جو بندوبست ڪري سگهي ٿو. ڪانگريس ۽ ان جي هندو ليڊر شپ پنهنجي دائمي عددي اڪثريت سببان ناجائز غرور جو شڪار هئي ۽ ڪجهه به ڏيڻ نه پئي گهريو جو ڪيس رڳو هندستان جي رياست ۾ ان جي وفاق تي پنهنجو ناجائز قبضو ۽ بالادستي قائم ڪرڻي هئي. جيتوڻيڪ انگريز ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ پيدا ٿيل ان سياسي ڇڪتاڻ جي منصفاڻي نبيري لاءِ منصفاڻي نموني ٽياڪڙيءَ واري ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. (1942ع ۾ ڪرپس مشن ۽ وري 1946ع ۾ ڪيبينيٽ مشن پلان جو اچڻ ان جو ثبوت آهي) پر ڪانگريس ۽ ان جي هندو ليڊر شپ جي روايتي هٺ، هوڏ ۽ تعصب پرست سوچ سببان انگريزن جي ڪيل ڪوشش مان ڪو گهربل لاڀ حاصل نه ٿي سگهيو تان جو ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ صوبائي خودمختياري واري معاملي تان پيدا ٿيل اها سياسي ڇڪتاڻ جڏهن پنهنجي منطقي نتيجي تي پهتي ته ٻنهي ڌرين جا رستا ۽ مفاد ڌار ڌار ٿي ويا ۽ حالتن جي جبر ۽ ڪانگريس جي هندو ليڊر شپ جي هٺ ڌرميءَ سبب ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ ايئن هندستان ۽ پاڪستان ٻه ڌار ڌار ملڪ ٻڌجي دنيا جي نقشي تي اڀري ظاهر ٿيا. ان ڪري مان نٿو سمجهان ته پاڪستان ٻه ـ قومي نظريي جي بنياد تي ٺهيو يا وري ان جي جوڙجڪ مذهبي بنيادن تي ٿي، مان سمجهان ٿو ته پاڪستان گڏيل هندستان ۾ سياسي ۽ رياستي اختيارن ۾ توازن آڻڻ لاءِ اقليتن طرفان صوبائي خودمختياري جي گهر وارن معاملن تان ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ پيدا ٿيل سياسي ڇڪتاڻ جي منطقي نتيجي طور وجود ۾ آيو ۽ جيئن ته ڪانگريس ۽ ان جي هندو ليڊر شپ ناحق تي هئي ۽ اها ڪنهن به طرح گڏيل هندستان ۾ مسلم اقليتن کي رياستي ۽ سياسي اختيارن ۾ برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ۽ مڪمل صوبائي خودمختياري ڏيڻ لاءِ تيار نه هئي، بلڪ نابري واري تي چڙهي، جڏهن ته جناح ۽ مسلم ليگ وارا حق تي هئا، جو اهي ڪانگريس ۽ ان جي متعصب هندو ليڊر شپ جي ڦورو ۽ سامراجي سوچ کي چڱيءَ ريت سمجهي چڪا هئا ۽ اهي گڏيل هندستان ۾ ڪانگريس سان مسلمان اقليتن جي جائز خودمختياري ۽ خوداختياريءَ لاءِ سياسي ويڙهه پئي وڙهيا. تان جو پاڪستان به ٺهي ويو ان ڪري ئي مان چوندو آهيان ته پاڪستان جو ٺهڻ تاريخ جو هڪ درست ۽ جائز فيصلو هو.

## ڇا ورهاڱي جو ذميوار جناح هو؟

هندستان ٽوڙي پاڪستان ۾ اڄ سوڏو ٽائين ڪيترين ئي ڌرين ۽ ماڻهو اهو سمجهن ۽ چون ٿا ته هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان ٺاهڻ جو ذميوار مسٽر جناح هو پر مان نٿو سمجهان ته ڳالهه ائين آهي، جناح ته دراصل شروع کان وٺي پاڪستان جو حامي نه هو ايستائين جو 1946ع تائين هن پاڪستان ٺاهڻ نه پئي چاهيو جناح ته دراصل گڏيل هندستان جو حامي هو. هن ته گڏيل هندستان ۾ مسلم اقليتن جي حق ۽ مفادن جي آئيني ضمانت پئي گهري، ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي

تہ جناح گڏيل هندستان ۾ هندن جي عددي اڪثريت جي بنياد تي ٺهندڙ گڏيل وفاق ۾ ننڍين صوبن ۽ اقليتن لاءِ مڪمل صوبائي خودمختياري پئي گهري جيڪا ڪانگريس ۽ ان جي هندو ليڊر شپ ڏيڻ نہ پئي چاهي. اهوئي سبب آهي جو جناح مجبوريءَ وچان پاڪستان ناهڻ واري ڳالهہ ڏانهن جهڪاءُ رکيو باقي جيڪڏهن جناح رڳو جذباتي بنيادن تي پاڪستان ٺاهڻ جو حامي هجي ها يا ڪيس هروڀرو پنهنجي بہ- قومي نظرئي جي بنياد تي (جنهن کي بعد ۾ هن رد ڪري ڇڏيو هو) نئين ملڪ ٺاهڻ جو شوق هجي ها تہ هو 1946ع ڌاري ڪڏهن بہ ڪيبينيٽ مشن پلان جي تجويزن کي قبول نہ ڪري ها. ڇاڪاڻ تہ انهن تجويزن کي قبول ڪري، جناح نہ رڳو پاڪستان تان عملي طور هٿ کڻي ويو پر ايئن ڪري هن جڻ تہ پنهنجي بہ قومي نظريي کي بہ Disown ڪري ڇڏيو ۽ اهو سڄو ڪم جناح دل سان ڪيو هيو تہ گڏيل هندستان جي وفاق جي حوالي سان ڪيبينيٽ مشن پلان جون تجويزون پنهنجي جاءِ تي زبردست، جائز ۽ بلڪل منصفاڻيون هيون، جيڪي دراصل Loose Federation System يعني ”ڪمزور مرڪز ۽ طاقتور صوبن“ واري فارمولي تي ٻڌل هيون، جن مطابق گڏيل هندستان جي گڏيل وفاق وٽ رڳو دفاع، ڪرنسي، مواصلات ۽ پرڏيهي معاملن جهڙا چار کاتا ۽ ٻيا سمورا کاتا ۽ اختيار صوبن حوالي ڪرڻ جي ڳالهہ ٿيل هئي، ايئن هندستان جي صوبن کي مڪمل صوبائي خودمختياريءَ جي مڪمل آئيني ۽ قانوني ضمانت ڏني ويئي، جنهن کي پهريان تہ ڪانگريس ۽ سندس قيادت قبول ئي نٿي ڪيو جو ”ڪمزور وفاق ۽ طاقتور صوبن“ واري فارمولي تحت امڪاني طور گڏيل هندستان ۾ جڙندڙ گڏيل وفاق ۾ سندس ناجائز ۽ اقليت دشمن سامراجي مفادن جو پورائو ئي ممڪن نہ هو. دراصل ڪانگريس ۽ سندس ليڊر شپ هندستان ۾ مضبوط وفاق جي حامي هئي ۽ مضبوط وفاق جي نالي تي ئي اها هندستان ۾ رياستي طور پنهنجي هڪ هٽي ۽ اسٽيٽسڪو قائم ڪري قومي ڦرلٽ واري ڌنڌي کي جاري رکڻ پئي گهريو اهوئي سبب آهي جو ڪانگريس ۽ سندس قيادت ڪيبينيٽ مشن پلان جي تجويزن کي پهريان تہ رد ڪري ڇڏيو پوءِ جڏهن جناح ۽ مسلم ليگ انهن کي قبول ڪري، پاڪستان تان هٿ کڻي، گڏيل هندستان ۾ ئي گڏجي برابريءَ جي بنياد تي رهڻ تي راضپو ظاهر ڪيو. تڏهن وڃي ڪانگريس بہ عوامي دٻاءَ ۽ پنهنجي سياسي توڙي اخلاقي مورال ڪري پوڻ واري امڪاني ڊپ سببان انهن کي قبول تہ ڪري ورتو پر ترت ئي ڪجهہ ڏينهن بعد ڪانگريس تڏهن ڦري وئي جڏهن 10 جون 1946ع واري ڏينهن ڪانگريس جي صدر جواهر لعل نهرو بمبئي ۾ پريس ڪانفرنس ۾ پنهنجي روايتي بدنيت ۽ ڦورو سامراجي سوچ جوا ظهار ڪندي اهو چيو تہ، ”ڪيبينيٽ مشن پلان جون تجويزون قطعي ۽ آخري ناهن. اسان حڪومت ۾ اچي جمهوري ۽ اڪثريت جي بنياد تي انهن ۾

تبديليون آڻڻ جا مجاز آهيون.“*° (1) اهڙو بيان ڇڻ تہ پرنديءَ تي تيل ثابت ٿيو جنهن نہ رڳو اقليتن کي هڪ وڏي ڌپ ۽ خطري ۾ آڻي ڇڏيو پر گڏيل هندستان ۾ هندن جي اڪثريت جي بنياد تي ٺهندڙ گڏيل وفاقي حڪومت ۾ مسلم اقليتن جي حقن ۽ مفادن جي اصولي طور ضمانت نہ ملڻ واري ڳالهہ کي بہ ڇڻ صحيح ثابت ڪري ڇڏيو نهروءَ جي اهڙي غير ذميوار ۽ سامراجي سوچ تي ٻڌل بيان جو نتيجو اهو نڪتو جو هندستان ۾ مسلمان اقليتون مشتعل ٿي ويون ۽ پاڪستان ٺاهڻ لاءِ Direct Action Day (ڪاري ڏينهن) ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ اسان جي هن بدنصيب ننڍي کنڊ ۾ تاريخ جا اهي بدترين فساد ٿيا، جن جو ازالو دراصل ڪڏهن بہ ٿي ئي نٿو سگهي. ان ڏس ۾ پنجاب، بنگال، ڪلڪتي، مدراس، ڪراچي، بهار سميت هندستان جي ڪيترن ئي علائقن ۽ حصن ۾، جيڪي مذهبي بنيادن تي فساد ٿيا ۽ سوين هزارين بيگناهہ ماڻهو موت جو کاڄ بڻيا، اهو سڀ تاريخ ۾ رڪارڊ تي آهي. بهرحال، ايئن پاڪستان ٺهي ويو ۽ سندس وجود عمل ۾ آيو. ان سڄي صورتحال کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ اها ڳالهہ ظاهر ۽ پڌري ٿئي ٿي تہ پاڪستان جي ٺهڻ توڙي ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جو اصل ذميوار جناح يا مسلم ليگ نہ پر هندستان جي ”سيڪيولر“ ۽ ”جمهوريت پسند“ پارٽي ڪانگريس ۽ ان جي هندو قيادت هئي، جيڪا دراصل هندستان ۾ آباد اقليتن، خاص ڪري مسلم اقليتن کي سندن جائز حقن ۽ مفادن جي ڪابہ آئيني ۽ قانوني ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار ئي نہ هئي، ان حوالي سان نہ رڳو اها سڌوسنئون ڦورو ۽ سامراجي سوچ جو اظهار ڪري رهي هئي، پر غير ذميوار ۽ ڊرامي بازي واري روش مان بہ ڪم پئي ورتو. جيڪڏهن ڪانگريس ۽ سندس هندو ليڊر شپ پنهنجي روايتي تعصب پرست، غير جمهوري ۽ اقليت دشمن سامراجي سوچ ترڪ ڪري، هندستان ۾ آباد سمورين اقليتن جي حقن ۽ مفادن جي آئيني ضمانت جو بندوبست ڪري، کين مڪمل خودمختياري ۽ خود اختياري ڏيئي، ساڻن ٺهي هلڻ ۽ بردباريءَ واري سوچ ۽ رويو اختيار ڪري ها تہ منهنجي خيال ۾، نہ ڪو پاڪستان ٺهي ها، نہ ڪو ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿئي ها ۽ نہ ڪو وري ورهاڱي سببان ٿيل وڳوڙن ۾ انساني حياتين جو ايڏو وڏو تلافي نہ ٿيڻ جوڳو نقصان ٿئي ها. بهرحال ڪانگريس ۽ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي حوالي سان اهڙو نتيجو رڳو سنڌ ۽ پاڪستان جا سياسي دانشور نٿا ڪڍن، پر خود هندستان جا بہ اي۔ جي نوراني، راج موهن گانڌي ايچ ايم سيروائي ۽ جسونت سنگهہ جهڙا اڪيچار حقيقت پسند سياسي دانشور ۽ اسڪالر پڻ اهڙو ئي نتيجو ڪڍن ٿا.°

---

*° (1) مولانا ابوالڪلام آزاد، ”اسان جي آزادي“ ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي – ڇاپو پهريون 2007، صفحو 187

° (1) اي جي نوراني (A.G Noorani) هندستان جو هڪ مشهور اسڪالر آهي، جنهن تازو ڪراچي ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ۽ سياست تي هڪ ڏاڍو زبردست ليڪچر ڏنو. پاڪستان جي دوري بعد هن هندستان وچي پاڪستان بابت هڪ اهم آرٽيڪل Pakistan's Future جي عنوان سان لکيو جيڪو 11 اپريل 2010ع ۾ روزاني ”ڊان“ ۾ ڇپيو ۽ ان تي پاڪستان ۾ وڏا بحث بہ ٿيا.

## ورهاڱو ۽ هڪ غلط فهمي:

پاڪستان جي نهڻ ۽ هندستان جي ورهاڱي جي حوالي سان عام طور اسان وٽ ائين به چيو ويندو آهي ته پاڪستان سامراجي مفادن لاءِ ٺهيو ۽ انگريزن ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ واري پاليسيءَ تحت هندستان جو ورهاڱو ڪرايو ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته هندستان/ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ۽ پاڪستان جو نهڻ انگريزن جي مرضيءَ موجب ٿيو پر حقيقت ائين ناهي. اها دراصل ننڍي کنڊ جي ورهاڱي بابت اسان جي هڪ غلط فهمي (Misconception) آهي، جيڪا ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ۽ ان وقت جي حالتن ۽ عالمي سياسي صورتحال ڏانهن ڏيان نه ڏيڻ سبب پيدا ٿئي ٿي. دراصل انگريز هندستان جي ورهاڱي يا پاڪستان ناهڻ جي حق ۾ ئي نه هئا. جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي ته انگريزن ننڍي کنڊ ۾ ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ واري پاليسيءَ تحت ڪن ڌرين کي ڪمزور ته ڪن کي طاقتور پئي بڻايو پر بهرحال، ان جي ورهاڱي جي حوالي سان انهن ان تفرقي باز پاليسيءَ کان هرگز ڪم نه ورتو جنهن جو ثبوت 1946ع ڌاري هندستان ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ جي نبيري لاءِ ڏنل ڪيبينيٽ مشن پلان واريون تجويزون به آهن. انگريز جيڪڏهن هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان ناهڻ جا حامي هجن ها ته اهي هڪ گڏيل ۽ مضبوط وفاقي هندستان لاءِ ڪيبينيٽ مشن پلان ذريعي اهڙيون بهتر، درست، جائز ۽ منصفاڻيون تجويزون هرگز نه ڏين ها. انگريز ته دراصل هڪ مضبوط ۽ گڏيل وفاقي هندستان جا حامي هئا ۽ اهڙوئي هندستان سندن ان وقت جي معروضي سياسي مفادن وٽان هو.

دراصل انگريزن اهو ڪڏهن به نٿي چاهيو ته سندن حاڪميت ڪانپوءِ هندستان ڪمزور پوزيشن ۾ هليو وڃي، ڇاڪاڻ ته هندستان جي ڪمزور ٿيڻ سان انگريز نه ڪو هندستان ذريعي چين ۾ يورپي سرمائيدار دنيا لاءِ اڀرندر امڪاني خطري کي منهن ڏيئي ٿي سگهيا ۽ نه ڪو وري هن خطي ۾ امڪاني طور اڀرندڙ ڪنهن ٻي سامراج مخالف قوت خلاف ان کي استعمال ڪري ٿي

---

(2) ايچ ـ ايمر ـ سيروائي (H.M. Seervai) پڻ هندستان جو هڪ وڏو مشهور اسڪالر ۽ دانشور آهي جنهن جو ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي حوالي سان لکيل اهم ڪتاب Partition of India : Legend and Reality جي نالي سان آهي، هن ڪتاب ۾ به جناح ۽ ورهاڱي بابت تاريخي حقيقتن ۽ سچائين جي روشني ۾ اهڙوئي نتيجو ڪڍيو ويو آهي —جيڪو پاڻ هتي ڪڍيون ويٺا آهيون.

(3) جسونت سنگهه ( Juswant Singh) هندستان جي پرڏيهي معاملن جو اڳوڻو پرڏيهي وزير ۽ صحافي آهي، جيڪو هڪ اهم انگريز ڪتاب Jinnah India_ Partition and Independence ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي بابت پنهنجو حقيقت پسندي تي ٻڌل صحيح ۽ منصفاڻو نقط نظر ظاهر ڪرڻ سببان ڳچ وقت تائين هندستان جي نام نهاد سيڪيولر ۽ انتهاپسند ڌرين جي عتاب هيٺ رهيو.

(4) راج موهن گانڌي (Raj Mohan Gandhi) خود ڪانگريس جي سرپرست اعليٰ مرحوم موهن داس گانڌي جو ڏوهٽو آهي، جنهن پڻ Eight lives: A Study of Hindu_Muslim En counter جهڙو ڪتاب لکي هندستان جي ورهاڱي جو ذميوار ڪانگريس ۽ سندس ليڊر شپ کي قرار ڏنو آهي.

سگهيا. اهوئي سبب آهي جو انگريز پنهنجن مخصوص سامراجي ۽ اسٽريٽجڪ مفادن خاطر ننڍي کنڊ ۾ پنهنجي پڇاڙيءَ واري دور ۾ مضبوط هندستان جا حامي گهرجائو بڻجي ويا. ياد رهي ته چين ۾ تنهن وقت ڪامريڊ مائوزي تنگ ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻي ۾ هڪ وڏي سياسي ۽ انقلابي تبديلي اچڻ جا امڪان چٽا ٿيندا پئي ويا، جيڪي دراصل سرمائيدار سامراجي دنيا لاءِ وڏو خطرو ثابت ٿي پئي سگهيا ۽ اهي بعد ۾ ڪنهن حد تائين خطرو ثابت به ٿيا. دراصل چين کي منهن ڏيڻ لاءِ شروع کان وٺي انگريزن جي اها حڪمت عملي هئي ته هندستان تي هٿ رکي، کيس چين جي مقابلي لاءِ هر طرح سان تيار ۽ مضبوط ڪيو وڃي. اهوئي سبب آهي جو انگريزن کي هڪ ڪمزور ۽ ورهايل هندستان نه پر هڪ مضبوط، اڻ ورهايل ۽ طاقتور هندستان کپندو هو. پر اها انگريزن جي بدقسمتي هئي جو اهي اهو نه ڏسي سگهيا ته حالتن جي تبديلي خواهشن جي محتاج نه پر معروضي محرڪن تي مدار رکندڙ هجي ٿي. بهرحال، انگريزن جي خواهش ۽ حڪمت عملي جي ابتڙ سندن نه چاهيندي به تاريخ ۽ حالتن جي جبر (جيڪو دراصل ڪانگريس ۽ سندس ليڊر شپ پيدا ڪيو) سببان هندستان جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ پاڪستان به وجود ۾ اچي ويو.

## ڪجھ ٻه قومي نظريي بابت:

باقي رهي ڳالهه ٻه قومي نظريي جي، ته جناح 11 آگسٽ 1947ع واري پنهنجي مشهور تقرير ۾ اهو چئي "Pakistan would not be theocratic state." جڏهن ته ٻه قومي نظريي جي نفي ته ڇا پر سڌوسنئون ان کي رد ڪري ڇڏيو. ان ڪري ٻه قومي نظريي کي ته پاڪستان جو بنياد سمجهڻ ئي غلط آهي. تنهن ڪانسواءِ رڪارڊ جي درستيءَ خاطر مان اهو به چوندس ته ننڍي کنڊ ۾ ٻه قومي نظريي جو نعرو جناح نه پر هڪ ٻي وڏي مسلمان عالم سر سيد احمد خان ئي هنيو هو. جنهن جا به دراصل مخصوص سبب هئا. ننڍي کنڊ ۾ انگريزن هٿان مغل سلطنت جي تباهي، انگريزن جي هندن ۽ مسلمانن جي حوالي سان جوڙيل سياسي متڀيد واري پاليسي، هندن کي هڪ قوم طور سوچيل سمجهيل منصوبي طور اڀارڻ، مسلمانن کي هر طرح سان سوڙهو ڪري انهن لاءِ حالتون تنگ ڪرڻ ۽ ان سببان مسلمان ۾ سياسي، اقتصادي، تعليمي، رياستي توڙي سماجي ۽ مذهبي سطح تي پيدا ٿيل احساسِ محرومي جهڙين ڳالهين دراصل مسلمانن کي ننڍي کنڊ ۾ ٻه قومي نظريي وارو نعرو هڻڻ ئي مجبور ڪيو. جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي ته ٻه قومي نظريو هڪ غلط ۽ سڌوسنئون فرقيواراڻي سوچ کي اڀاريندڙ نظريو هو. پر سوال اهو آهي ته ننڍي کنڊ ۾ اهڙين حالتن پيدا ڪرڻ جو اصل ذميوار ڪير هو؟ جنهن سببان ٻه قومي نظريي جهڙا غلط، فرقيوارانا ۽ من گهڙت نظريا ظاهر ٿيا. اهو دراصل ڪانگريس ۽ ان جي هندو ليڊر شپ طرفان سياسي مفادن لاءِ مذهب کي استعمال ڪرڻ ۽ نام نهاد "رام راڄ" جهڙا مذهبي نعرا هئا. جن جي ردعمل ۾ مسلمانن به مذهبي بنيادن تي ٻه قومي نظريي جهڙيون ڳالهيون ڪري، پنهنجي سياسي مطالبن جي مڃتا لاءِ ماحول تيار ڪيو.

بهرحال، مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن ڪانگريس پنهنجن ناجائز سياسي مفادن لاءِ مذهب کي استعمال نہ ڪري ها تہ مسلمان اقليتن طرفان بہ مذهبي بنيادن تي اهڙي قسم جي ڪا اڳيرائي نہ ٿئي ها. ڏٺو وڃي تہ ٻہ- قومي نظريو ننڍي کنڊ جي مخصوص سياسي حالتن ۾ مفادن جي جبر جو هڪ نتيجو هو. جيڪو دراصل ٻيو ڪنهن نہ پر ڪانگريس ۾ ان جي هندو ليڊر شپ ئي پيدا ڪيو هو. ان ڪري ٻہ قومي نظريي کي پيدا ڪرڻ جو ذميوار ٻيو ڪنهن کي نہ پر صحيح معنيٰ ۾ ڪانگريس ۾ ان جي هندو ليڊر شپ کي ئي قرار ڏئي سگهجي ٿو. جو ان ئي سڀ کان پهرين پنهنجن ناجائز ۽ ڦورو سياسي مفادن لاءِ مذهب کي استعمال ڪيو. بهرحال، جڏهن حالتن جو اهو جبر ختم ٿي ويو ۽ پاڪستان بہ ٺهي ويو تہ جناح ان نظريي کي ڪڏهوڪو رد ڪري ڇڏيو. ان ڪري اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهہ بہ ناهي جو ان کي بنياد بڻائي هرويرو جناح تي اجائي تنقيد ڪئي وڃي.

# پاڪستان ۾ قومي ڦرلٽ جا بنياد

پاڪستان جيڪو نهيوئي صوبائي خودمختياري جي بنياد تي هو ان ۾ اتي صوبائي خودمختياري ۽ ملڪ ۾ شامل ننڍين قومن جي سياسي، رياستي، ثقافتي، معاشي توڙي قومي حقن جو جيڪو حشر ڪيو ويو اهو سڀ تاريخ ۾ رڪارڊ تي آهي. بهرحال اها هڪ حقيقت آهي تہ پاڪستان ٺهڻ جي پهرين ڏينهن ئي هن ملڪ ۽ ان جي رياست تي سول ۽ ملٽري بيوروڪريسي جي روپ ۾ پنجابي – مهاجر قوتن نہ رڳو پنهنجو ناجائز قبضو ۽ بالادستي قائم ڪري ورتي، پر ملڪ ۾ قومي ڦرلٽ جا بہ بنياد وجهي ڇڏيا – ڇاڪاڻ تہ قومي ڦرلٽ واري ڏنڊي ڪانسواءِ هن ملڪ تي پنجابي مهاجر قوتن جي ناجائز قبضي ۽ بالادستي جو هلڻ هڪ ڏينهن بہ ممڪن نہ هو. (ظاهر آهي تہ جيڪڏهن پاڪستان ۾ سمورين قومن ڪي برابري جي بنياد تي رياستي اختيار ۽ حق ڏئي ڪين مڪمل صوبائي يا قومي خودمختياري سان نوازيو وڃي ها يا ملڪ ۾ سڀني قومن جي برابري جي بنياد تي هڪ توازيو پريو حقيقي ۽ عوام دوست وفاقي پارلياماني سياسي نظام اڏيو وڃي ها تہ پوءِ هي جيڪو پنجابي – مهاجر بالادست قوتن ملڪ ڪي پنهنجن ناجائز ۽ عوام دشمن مفادن جو وسيلو بنائڻ لاءِ ان تي مستقل طور تي پنهنجو قبضو ۽ اسٽيٽڪو قائم ڪري ورتو هو اهو ڪيئن ۽ ڪيستائين هلي ها؟ سندن ناجائز ۽ عوام دشمن مفادن جو پورائو ڪيئن ٿئي ها؟) ان ڪري ملڪ جي بالادست قوتن لاءِ اهو ضروري هو تہ اهي هن ملڪ ۾ سموري سياسي، رياستي ۽ انتظامي طاقت ۽ اختيارن جي مرڪزيت مستقل طور پنهنجن هٿن ۽ قبضي ۾ رکي پر ملڪ ۾ شامل سمورين قومن کي سندن جائز حقن ۽ اختيارن کان بہ ڪين هر طرح سان محروم رکيو وڃي. ائين ئي دراصل هتي هن ملڪ/ قومي ڦرلٽ جا بنياد پيا، جن کي وري اسٽيٽسڪو (Status-quo) جي شڪل ڏيڻ لاءِ مجموعي طور هيٺيان قدم کنيا ويا.

### 1 – 1940ع واري ٺهراءَ کي رد ڪري ڇڏڻ:

پاڪستان ٺهڻ کان ترت ئي پوءِ ملڪ تي قابض ٿي ويل پنجابي – مهاجر قوتن سڀ کان پهرين ملڪ ۾ شامل صوبن ۽ قومن جي سماجي معاهدي (Social Contract) يعني 1940ع واري ٺهراءَ کي عملي طور رد ڪري سمورن رياستي اختيارن جي مرڪزيت پنهنجي قبضي هيٺ آڻي ڇڏي. اها دراصل هن ملڪ ۾ شامل قومن سان پهرين وڏي ويساهہ گهاتي هئي، جنهن هن ملڪ ۾ قومي ظلم ۽ ڦرلٽ جا سمورا رستا کولي ڇڏيا. پاڪستان تہ دراصل ٺهيو ئي 1940ع واري ٺهراءَ جي بنياد تي هو جنهن تحت محدود مرڪز ۽ طاقتور صوبن واري فارمولي يعني دفاع، ڪرنسي، مواصلات ۽ پرڏيهي معاملن جهڙا کاتا وفاق وٽ ۽ بيا سمورا کاتا توڙي اختيار صوبن کي ڏئي شامل صوبن ۽ قومن کي

مڪمل آزادي ۽ خودمختياري ڏيڻ جي آئيني ۽ قانوني ضمانت ڏني وئي هئي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ پاڪستان جي رياست تي قابض ٿي ويل سگهارين ڌرين / قوتن ان ۾ شامل ننڍين صوبن ۽ قومن کي رياستي اختيارن ۽ وسيلن ۾ برابري جي بنياد تي نمائندگي ڏئي ڪين نہ رڳو مڪمل صوبائي ۽ قومي خودمختياري نہ ٿي ڏني پر انگريزن طرفان 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ جهڙي مدي خارج ۽ عوام دشمن آئين کي نئين ملڪ (پاڪستان) ۾ لاڳو ڪري نام نهاد وفاق جي نالي تي سمورن رياستي اختيارن ۽ طاقت تي قبضو ڪري رڳو پنهنجي ناجائز بالادستي ۽ عوام دشمن مفادن کي ئي هر طرح سان مٿي ايپاري مضبوط بڻايو. دراصل هو سڀ ڪجهہ 1940ع واري ٺهراءَ ۽ جناح واري پاڪستان سان وڏي غداري هئي، حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ جناح وارو پاڪستان پنهنجي ٺهڻ جي پهرين ڏينهن ئي ڌهي ختم ٿي چڪو هو. جو ان تي پنجابي –مهاجر قوتن جو قبضو ٿي چڪو هو. جن پاڪستان کي هڪ اهڙي پاڪستان ۾ تبديل ڪري ڇڏيو جتي قومن ۽صوبن جا سمورا سياسي، قومي، رياستي، قانوني جائز اختيار ۽ حق ڪسي نام نهاد وفاق جي حوالي ڪيا ويا. جتي طاقت جو سرچشمو هن ملڪ ۽ ان ۾ شامل سمورين قومن ۽ صوبن جي گڏيل عوام کي بنائڻ بدران پنجابي – مهاجر بالادست قوتن جي ناجائز ۽ عوام دشمن مفادن کي بڻايو ويو –جتي قومن ۽ صوبي کي سندن جائز خودمختياري ۽ خود اختياري ڏيڻ بدران سندن آزادي ۽ خودمختياري کي سوڙهو ڪري ڪين ديوار سان لڳايو ويو آهي. جتي اول کان آخري مفاد رڳو پنجابي –مهاجر ناجائز مفاد آهن، جتي وفاق جي نالي تي قومن ۽ صوبن کي ٻيجهو ۽ غلام بڻايو ويو آهي جتي وفاق ۽ ان جا ادارا ملڪ ۾ شامل سمورين اڪائين جي جائز، قانوني ۽ گڏيل رياستي مفادن جي ترجماني ڪرڻ بدران هڪ مخصوص قوم ۽ ان جي مخصوص جوڙيوال طبقي جي ئي ناجائز، عوام دشمن ۽ ڦورو مفادن جي نمائندگي ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو اسان جو هڪ مشهور قومي اڳواڻ ۽ دانشور رسول بخش پليجو ڪنهن زماني کان وٺي اهو چوندو ڳالهائيندو لکندو ۽ سمجهائيندو رهيو آهي تہ هي پاڪستان 1940ع ۽ جناح وارو پاڪستان آهي ئي نہ –هي پاڪستان پنجابي –مهاجر بالادست قوتن جي جائز ۽ عوام دشمن مفادن وارو ئي پاڪستان آهي ۽ انهن جي ئي پورائي جو وسيلو بڻيل آهي.

## 2 – قوميتن جي نفي :

پاڪستان ۾ قومي ڦرلٽ واري ڌنڌي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻيو وڏو جيڪو منصوبو جوڙيو ويو. اهو دراصل ملڪ ۾ شامل قومن کي سندن تاريخي قومي وجود ۽ تشخص کان محروم ڪندڙ قوميتن جي نفي وارو منصوبو هو. جيڪو دراصل ”مها پاڪستاني قوميت“ جهڙي جڙتو ۽ ملڪ دشمن تصور تي ٻڌل هو. جنهن تحت اهو چيو ويو تہ هتي هن ملڪ ۾ ڪوبہ پنجابي، بنگالي، سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ ناهي پر سڀ پاڪستاني آهن ۽ پاڪستاني قوم جو حصو آهن. ائين چئي دراصل هتي پاڪستان ۾ اڙدو ٻولي کي قومي ٻولي بنائڻ جو جواز ڪڍيو ويو. اهڙي طرح ترت ئي ملڪ ۾ شامل

قومن ۽ صوبن جي ڪنهن بہ ٻولي کي قومي ٻولي بڻائڻ بدران انهن جي قومي، سياسي، تاريخي ۽ رياستي اهميت ۽ حيثيت کي ٻاءِ پاس ڪري اڙدو ٻولي کي قومي ٻولي بڻايو ويو جيڪا نہ رڳو 5 سيڪڙو آبادي جي ٻولي نہ هئي پر ان جو هن ملڪ ۾ شامل ڪنهن بہ قوم ۽ صوبي جي تاريخ، ڪلچر، ڌرتي ۽ ثقافت وغيره سان ڪوبہ واسطو وڙو نہ هو. اهو دراصل، هن ملڪ ۾ شامل قومن ۽ صوبن مان رياستي سطح جو ٻيو وڏو دوکو ۽ سنگين حق تلفي هئي، جنهن جي سڀ کان ڀرپور مزاحمت بنگالي قوم ڪئي ۽ ان سڄي مزاحمت جو منطقي نتيجو اسان سيني 1971ع ۾ بنگلاديش جي ڌار ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ڏٺو.

ٻيو تہ پاڪستاني قوم نالي هتي ڪابہ شي آهي ئي نہ – دراصل پاڪستاني قوم وارو سڄو تصور ئي هڪ وڏو فراڊ آهي. اسان جي ڪاهي ڌر جا ڪيترائي "مها انقلابي دانشور" اڄ تائين ان مغالطي جو شڪار آهن تہ پاڪستان ۾ رهندڙ سڀ ماڻهو هڪ "پاڪستاني قوم" آهن. پر مان چوان ٿو تہ اها ڳالهہ سڏي سنئين غلط، مفروضاتي ۽ جڙتو آهي. جيڪا دراصل پاڪستان ۽ ان جي رياست تي قابض پنجابي – مهاجر بالادست قوتن پنهنجي ناجائز قبضي ۽ قومي ڦرلٽ وارن ڌنڌي کي بنياد ڏيڻ لاءِ ئي گهڙي ۽ تيار ڪئي آهي. پاڪستان دراصل هڪ گهڻ – قومي ملڪ (Multi-National State) آهي. اهو هڪ کان وڌيڪ اهڙين قومن جي گڏيل اتحاد ۽ الحاق جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو آهي جن جون پنهنجون قديم ۽ تاريخي قدامت رکندڙ ٻوليون آهن اهڙي صورتحال ۾ حقيقت هجڻ جي باوجود پاڪستاني قوم جو راڳ الاپڻ دراصل ننڍين قومن خلاف پڪڙيل سياسي تعصب ۽ هتي قومي ڦرلٽ واري ڌنڌي کي مضبوط ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

### 3 – اسٽيٽسڪو تي ٻڌل پارلياماني نظام:

پاڪستان ۾ قومن ۽ صوبن جي برابري واري شراڪت جي بنياد تي وفاقي پارلياماني سياسي نظام جي اڏاوت ڪرڻ بدران مورڳو ملڪ ۾ شامل سمورن صوبن ۽ قومن جا جائز قانوني اختيار ۽ حق کسي کين هر طرح سان ڪمزور ۽ محتاج ڪري رڳو انتظامي يونٽ واري حيثيت ڏئي هڪ اهڙي هڪ – طرفي ۽ اسٽيٽسڪو تي ٻڌل وفاقي پارلياماني سياسي نظام جي تشڪيل ڪئي وئي جو ان ۾ رڳو هڪ مخصوص قوم ۽ ان جي ناجائز مفادن کي ئي هر طرح سان عددي اڪثريت ۽ فوقيت ملي ٿي وئي ۽ ائين هتي هڪ وڏي هوشياري ۽ چالاڪي سان مضبوط مرڪز ۽ ڪمزور صوبن جو بنياد وڌو ويو جنهن اڳي يا پوءِ هن ملڪ ۾ صرف قومي ڦرلٽ واري ڌنڌي کي ئي هر طرح سان سپورٽ پئي ڪئي. دراصل پاڪستان جي ننڍين قومن ۽ صوبن سان هڪ وڏو فراڊ ۽ ٺڳي اها بہ ٿي، جو هتي پارليامينٽ جهڙي اهم ۽ مک آئيني اداري ۾ ننڍين قومن ۽ صوبن کي برابري جي بنياد تي سيٽون/ نمائندگي ڏيڻ بدران ان سڄي اداري جي آئيني جوڙجڪ ئي غير آئيني ۽ اسٽيٽسڪو جي بنيادن تي ڪئي وئي آهي، جيڪا رڳو هن ملڪ جي وڏي صوبي يعنيٰ پنجاب ۽ ان جي مخصوص مفادن کي هر طرح سان تقويت پهچائي

ٿي – مثال طور اسان جي پارليامينٽ جو ڪل سيٽون 332 آهن جن مان سنڌ جون 72، بلوچستان جون 17، پختونخواهہ جون 43 ۽ فاٽا جون 12 سيٽون آهن. ائين پنجاب جون ٽوٽل سيٽون 183 ۽ ٽنهي صوبن جي گڏيل سيٽن جو انگ واري 133 بيهي ٿو. اهڙي طرح وفاقي حڪومت يا پنجاب جي ڪنهن بہ غلط تڪراري فيصلي خلاف جيڪڏهن سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخواهہ جا سمورا نمائندا پارليامينٽ ۾ گڏجن هڪ ٿي بيهن تہ تڏهن بہ اهي پارليامينٽ ۾ پنجاب ۽ ان جي نمائندن کي چيلينج نٿا ڪري سگهن، جو اهي هر طرح سان پارليامينٽ ۾ قطعي عددي اڪثريت ۾ ئي رهن ٿا. ساڳي طرح جيڪڏهن ٽئي صوبا گڏجي بہ پارليامينٽ ۾ پنهنجي ڀلائي يا ترقي جي حوالي سان ڪو قانوني مسودو يا منصوبو پارليامينٽ ۾ آڻين ٿا تہ اهو پنجاب ۽ ان جي نمائندن جي مرضي کان سواءِ منظور نٿو ڪرائي سگهجي- جو اهي ننڍا صوبا ۽ انهن جا نمائندا پارليامينٽ ۾ قطعي عددي اقليت ۾ هجن ٿا. ائين جڻ تہ ملڪ جا ٽئي صوبا پارليامينٽ ذريعي پنجاب ۽ ان جي نمائندن وٽ يرغمال بڻيل ئي رهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان جي ننڍين مظلوم قومن ۽ صوبن طرفان اهو بار بار آواز اٿندو رهيو آهي تہ هن ملڪ جي پارليامانِي، سياسي، عدالتي، وفاقي ۽ رياستي ادارن تي حقيقي معنيٰ ۾ صرف عملي طور پنجاب ۽ ان جي مخصوص مفادن جو ئي قبضو آهي جنهن سان سندن زندگي ۽ موت جهڙا مسئلا بہ حل ٿيڻ بدران مورڳو اهي مونجهارن ۽ پيچيدگين جو شڪار بڻجي تڪراري بڻجيو پون ٿا.

## 4 – قرارداد مقاصد:

پاڪستان ۾ قومي ڦرلٽ واري ڌنڌي کي جاري رکڻ ۽ ان کي مضبوط آئيني بنياد ڏيڻ لاءِ چوٿون قدم کنيو ويو، جو وزيراعظم لياقت علي خان 8 مارچ 1949ع تي قرارداد مقاصد (Objective Resolution) آڻي، هڪ طرف ملڪ جي بالادست پنجابي – مهاجر قوت جي ناجائز ۽ عوام دشمن مفادن لاءِ مذهب کي استعمال ڪري، ملڪ کي ٿيوڪريٽڪ اسٽيٽ (مذهبي رياست) ۾ تبديل ڪيو ويو (جيڪا دراصل جناح جي بنيادي ويچارن ۽ پاڪستان جي 1940ع واري نهراءَ جي ابتڙ تہ ڇا پر سڌوسنئون غداري برابر ڳالهہ هئي) تہ ٻي طرف ساڳي ئي رٿا تحت "مها پاڪستاني قوم" وارو جڙتو من گهڙت ۽ ملڪ دشمن نظريو جوڙي، ملڪ ۾ قومي ڦرلٽ واري ڌنڌي کي وڏيڪ سولو ۽ سهنجو بڻائي ٿي ڇڏيو. پلا قرارداد مقاصد تحت Sovereignty of Allah جو مقصد ڇا هو؟ ڇا ان جو مقصد هن ملڪ ۾ پنجابي – مهاجر بالادست قوتن جي ناجائز ۽ عوام دشمن مفادن خاطر مذهب کي استعمال ڪري، ملڪ کي مُلا شاهي جي ور چاڙهي، ملڪ جي جمهوري، سيڪيولر ۽ عوام دوست بنيادن کي تبديل ڪري "مها پاڪستاني قوميت" جهڙي ٻرامي ذريعي ملڪ ۾ شامل قومن جي قومي وجود ۽ تشخص کان انڪار ڪري انهن جي مڪمل تباهي ۽ پيهنگ ڪرڻ نہ هو؟ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ جناح ملڪ تي قابض قوتن جي دٻاءَ ۾ اچي، ڍاڪا وڃي پنهنجي تقرير ۾ اڙدو ٻولي کي قومي ٻولي بنائڻ جو اعلان تہ ڪيو پر ان سڄي ملڪ دشمن منصوبي / ٻرامي جا آئيني بنياد ۽

بندوبست ملڪ جي بالادست پنجابي –مهاجر قوتن ۾ سندن (تنهن وقت جي) نمائندي لياقت علي خان ئي آئيني اسيمبلي ذريعي قرارداد مقاصد آڻي ٿي ڪيا. ان ڪري صحيح معنيٰ ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ هتي پاڪستان ۾ قومي ظلم ۽ ڦرلٽ جا بنياد وجهندڙ جناح نہ پر لياقت علي خان ۽ سندس پشت پناهي ڪندڙ پنجابي –مهاجر بالادست قوتون ئي هيون ۽ آهن.

## هڪ اختلاف :

هتي مان پنهنجي هڪ دوست جامي چانڊيي سان سندس ئي هڪ ڪتاب "پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت جو بحران ۽ قومي خودمختياري" ۾ اظهاريل ان ڳالهہ سان اتفاق نٿو رکان تہ ڪو پاڪستان ۾ جناح طرفان اڙدو ٻولي کي قومي ٻولي بنائڻ واري ڪيل فيصلي سببان هن ملڪ ۾ قومي يا ثقافتي ڦرلٽ جا بنياد پيا. جيتوڻيڪ مان مڃان ٿو تہ محمد علي جناح کان ڪافي سياسي غلطيون ٿيون, جناح پاران اڙدو ٻولي کي قومي ٻولي بنائڻ جي ڳالهہ ڪرڻ يا ملڪ ٺهڻ کانپوءِ ترت ئي سرحد صوبي(هاڻوڪي خيبر پختونخواهہ) ۾ خان عبدالغفار خان جي ڀاءُ ڊاڪٽر خان صاحب جي جائز صوبائي حڪومت کي برطرف ڪري ڇڏڻ جهڙا ڪيترائي سياسي فيصلا, ڳالهيون توڙي عمل نہ صرف غلط, تڪراري ۽ متضاد هئا پر انهن مجموعي طور هن ملڪ ۾ قومي ڦرلٽ واري ڏنڏي کي بہ تقويت پهچائي پر تنهن هوندي بہ جناح جي انهن فيصلن, ڳالهين ۽ عملن کي پاڪستان ۾ قومي ڦرلٽ جو بنياد سمجهڻ غلط ۽ سياسي حقيقتن جي بلڪل ابتڙ آهي, پلا ٿورو ايمانداري سان سوچجي تہ جناح جي اڙدو ٻولي کي قومي ٻولي بنائڻ واري فيصلي سان ملڪ کي ڪهڙو فائدو پهتو ٿي؟ فائدو تہ ان صورت ۾ دراصل ملڪ جي بالادست پنجابي – مهاجر قوتن ۾ سندن اسٽيبلشمينٽ کي ئي پهتو ٿي ۽ اڃا بدستور پهچي بہ رهيو آهي. البت اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جناح ملڪ جي بالادست قوتن هٿان استعمال ٿي ويو ان حوالي سان جناح تي ڪنهن حد تائين تنقيد ڪري سگهجي ٿي تہ هن جهڙو ذهين ترين, عقلمند ۽ ڪانگريس جي هندو شاطر ۽ سامراجي ذهنيت سان سخت مقابلو ڪندڙ وڪيل ماڻهو ڪيئن هتان جي بالادست قوتن هٿان استعمال ٿي ويو. پر بهرحال تنهن هوندي بہ ائين نٿو چئي سگهجي تہ جناح جو ڪردار ۽ سندس فيصلا ئي پاڪستان ۾ قومي يا ثقافتي ڦرلٽ جو بنياد فراهم ڪن ٿا, ڇاڪاڻ تہ پاڪستان ۾ قومن جي قومي, سياسي, معاشي توڙي ثقافتي ڦرلٽ جا بنياد تہ جناح جي فيصلن کان اڳ ئي پنجابي –مهاجر قوتن جي ملڪ تي قبضي جي صورت ۾ پئجي چڪا هئا, پوءِ رڳو انهن کي مضبوط ڪرڻ ۽ رکڻ لاءِ مختلف طريقن, بهانن ۽ فيصلن کان ڪم ورتو ويو بهرحال هتي مان ائين نٿو چوان تہ اڙدو ٻولي کي قومي ٻولي بنائڻ وارو فيصلو درست هو, اهو يقينن غلط هو پر چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ ان فيصلن ڪرڻ يا ڪرائڻ پٺيان بنيادي طرح ڪارفرما سوچ ۽ ناجائز مفاد دراصل پاڪستان ۾ ان جي رياست تي قبضو ڪري ويٺل پنجابي –مهاجر قوتن جا ئي هئا ۽ انهن مفادن جي تقاضا ئي اها هئي تہ هتي پاڪستان

۾ اڙدو ٻولي کي قومي ٻولي بنايو ويو. ان لاءِ ملڪ جي بالادست قوتن سڀ کان پهرين جناح کي استعمال ڪيو. پر مان چوان ٿو ته ان وقت جيڪڏهن جناح نه به هجي ها ۽ سندس جاءِ تي ڪو ٻيو ماڻهو پاڪستان جو گورنر جنرل هجي ها ته ان کي به ملڪ جون طاقتور قوتون استعمال ڪري، اڙدو ٻولي کي قومي ٻولي بڻائي ڇڏين ها، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سندن هن ملڪ ۽ ان جي رياست تي ڪيل ناجائز قبضي، هڪ هٽي ۽ ڦورو مفادن لاءِ ضروري هو. ظاهر آهي ته جيڪڏهن ائين نه ڪيو وڃي ها ته پنجابي- مهاجر قوتن جي ملڪ تي ڪيل ناجائز قبضي ۽ اسٽيٽسڪو کي جيئن جو تيئن رکڻ ۽ هلائڻ ( ننڍين قومن جي سياسي، قومي، معاشي ۽ ثقافتي ڦرلٽ ڪانسواءِ) هڪ ڏينهن به ممڪن نه هو. ان ڪري شروعات ۾ ئي ملڪ جي بالادست قوتن سويلين قيادت مان محمد علي جناح، ان ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽوءِ بعد ۾ وري پ پ ۽ مسلم ليگ جهڙين پارٽين جي عوام دشمن جاگيردار مفادن جي نمائندگي ڪندڙ ليڊر شپ کي خوب استعمال ڪري هڪ طرف ملڪ جي ننڍين مظلوم قومن ۽ صوبن جي سڀ طرفي پيٺڱ، تباهي ۽ ڦرلٽ کي وڏيڪ هٽي ڏني ته وئي ته وري ٻي طرف صوبائي خودمختياري واري ڳالهه کي به هن ملڪ ۾ هڪ خواب بڻايو ويو.

بهرحال سوال اهو به آهي ته پاڪستان ٺهڻ بعد جناح جهڙي شخصيت غلط ۽ تڪرار فيصلا ۽ ڳالهيون آخر ڇو ڪيون؟ منهنجي خيال ۾ ان جا به گهڻا ئي سبب هئا، مثال طور :

1 ـ جناح ملڪ ٺهڻ ڪانپوءِ ترت ئي مسلم ليگ جي يو پي ۽ سي پي واري عوام ۽ ملڪ دشمن ليڊر شپ هٿان يرغمال بڻجي چڪو هو.

2 ـ هو (جناح) پوڙهو به ٿي چڪو هو. مسلم ليگ تي قابض يو پي ۽ سي پي جي عوام دشمن مڊل ڪلاسي قيادت جي ناجائز دٻاءُ ۽ پريشر کي منهن ڏيڻ جي منجهس گهربل ذهني، جسماني توڙي شعوري قوت مدافعت ئي نه رهي هئي. اهوئي سبب آهي جو بعد ۾ ملڪ جي بالادست قوتن ملڪ جي هن باني (جناح) کي پڱل ٽٽل ۽ ڪٽارا ايمبولينس ذريعي ڪيس بي يارو مددگار ڪري مارڻ جو مڪمل بندوبست ڪري، سندس چالاٽي ڪرائڻ ۾ به ڪا هٻڪ ۽ هٽڪ محسوس نه ڪئي.

3 ـ تن ڏينهن هو(جناح) پنهنجي عمر جي ان ڏاڪي تي پهتو هو. جو هو پنهنجن غلط ۽ تڪراري ڳالهين توڙي فيصلن ۾ ڪو توازن ئي نه ٿي آڻي سگهيو.

4 ـ جناح کي دراصل ملڪ کي صحيح رخ ۽ پاليسي تحت هلائڻ ۽ ان ۾ شامل قومن کي صحيح معنيٰ ۾ هڪ عوام دوست ۽ حقيقي عوامي وفاقي پارلياماني سياسي نظام ڏيڻ لاءِ ڪي به عوام دوست پاليسي ساز ادارا ۽ فرد ئي نٿي ملي سگهيا. جيڪي ڪيس تڪراري ۽ غلط فيصلي ڪرڻ کان بچائي، ملڪ ۾ شامل قومن جي وچ ۾ رياستي طاقت ۽ اختيارن جي حوالي سان ڪو برابري جي بنيادي ئي حقيقي توازن پيدا ڪرائي سگهن ها ـ جيئن ڊاڪٽر مبشر حسن لکي ٿو:

” قائداعظم وٽ نہ ڪا اهڙي تنظيم هئي ۽ نہ ڪو اهڙو ٿنڪ ٽينڪ جو ادارو هو جيڪو ڪيس صحيح معلومات ۽ تجزيا پيش ڪري ها، جنهن تي پاليسي سازي ڪئي وڃي ها. معلومات لاءِ قائداعظم وٽ رڳو انگريزن جا ٺاهيل انٽيليجنس ۽ آفيسر شاهي وارا ادارا موجود هئا جيڪي قائداعظم ۽ ان کانپوءِ وارن حڪمرانن کي معلومات ۽ نئين پاليسين لاءِ تجويزون پيش ڪندا رهيا. مطلب تہ حڪومت فوجي ۽ سول آفيسر شاهي * جي هٿ ۾ هئي، قائد اعظم ۽ ان کانپوءِ جا وزيراعظم رڳو نالي جا حڪمران هئا.“ (1)

هن اقتباس ۾ بہ دراصل اهو ٻڌايو ۽ سمجهايو ويو آهي تہ هن ملڪ ۽ ان جي رياست تي شروع کان وٺي ” فوجي ۽ سول آفيسر شاهي“ جو ئي قبضو هو. (جنهن دراصل پنهنجي ناجائز قبضي ۽ بالادستي کي مستقل طور برقرار رکڻ لاءِ قومي ڦرلٽ واري ڏنڌي کي ضروري ٿي سمجهيو ۽ ائين ان هن ملڪ ۾ قومي ظلم ۽ ڦرلٽ جا باقاعده بنياد بہ رکي ٿي ڇڏيا. جو ائين ڪرڻ سان ئي هن ملڪ جي بالادست فوجي ۽ سول آفيسر شاهي جي ناجائز ۽ عوام دشمن مفادن جو پورائو ٿي پئي سگهيو.) ۽ ٻيا سڀ ڪجهہ حڪمران ايستائين جو خود قائداعظم بہ رڳو نالي جو حڪمران هو. سو اهڙي صورتحال ۾ رڳو قائداعظم محمد علي جناح جي ڳالهين ۽ فيصلن کي هن ملڪ ۾ قومي ڦرلٽ جي بنياد طور ڪيئن ٿو سمجهي سگهجي؟

بهرحال اسان سنڌين لاءِ بجا طور اها فخر جهڙي ڳالهہ آهي تہ ننڍي کنڊ يعني گڏيل هندستان ۾ قومي ڦرلٽ واري ڏنڌي جو سخت مخالف ۽ ڪانگريس ليڊر شپ جي روايتي هندو متعصب، تعصب پرست ۽ سامراجي سوچ/ ذهنيت سان صحيح، جائز ۽ منصفاڻا اختلاف رکندڙ ۽ ان جي ڀرپور مزاحمت ڪندڙ ٻيو ڪير نہ پر هڪ سنڌي هو ۽ اهو هو قائد اعظم محمد علي جناح.

---

* ـ جيڪا فوجي ۽ سول آفيسر شاهي تنهن وقت ٽوٽل جو ٽوٽل پنجابين ۽ مهاجرن تي ئي ٻڌل هن ان ڪري مان ائين چوڻ ۾ بلڪل حق بجانب آهيان تہ پاڪستان شروعاتي دور ۾ جيڪي بہ رياستي سطح تي غلط، تڪراري ۽ عوام دشمن سياسي فيصلا ۽ عمل ٿيا اهي جناح جي ڪاتي ڏانهن نہ پر هن ملڪ تي قبضو ڪري ويٺل ”فوجي ۽ سول آفيسر شاهي“ (يعني پنجابي ـ مهاجر قوتن) جي ئي ڪاتي ڏانهن وڃن ٿا. — ليکڪ

1 ـ ڊاڪٽر مبشر حسن، پاڪستان جا بحران ۽ انهن جو حل، سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2009 صفحو 12

# ننڍين قومن جي گڏيل بدقسمتي

دراصل هن ملڪ ۾ شامل ٻيل قومن خاص طور بنگالين، سنڌين، بلوچن ۽ سرائيڪين جي اها هڪ گڏيل بدقسمتي هئي، جو ملڪ ٺهڻ وقت سندن سول توڙي ملٽري بيوروڪريسي ۾ ڪابہ سگهاري پوزيشن نہ هئي. (اهوئي دراصل مک سبب هو جو پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ کين ملڪي اقتدار ۽ اختيارن ۾ جائز حصي کان بہ محروم رکي کين هر طرح سان غلام ۽ مطيع بڻايو ويو) ۽ اها بدقسمتي ڪا آسماني يا الهامي شي نہ هئي، پر اها ننڍي کنڊ يعنيٰ گڏيل هندستان ۾ انگريز سرڪار جي مسلمانن خلاف جوڙيل سياسي متڀيد واري معتصب ۽ سامراجي رياستي پاليسي جو ئي هڪ نتيجو هئي. هڪ تہ انگريزن ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن کان حڪومت کسي هئي، مسلمان وري ٻيهر سگهارا ٿي انگريز سرڪار کان اهو بدلو نہ وٺن. ان امڪاني خوف کان انگريز رياست مسلمانن کي سياسي طور سگهاري ٿيڻ کان روڪڻ ۽ کين سماجي، تعليمي، اقتصادي ۽ رياستي اختيارن توڙي ترقي واري عمل کان پري رکڻ لاءِ اهڙا تہ سڀ ـ طرفا بندوبست ڪري ڇڏيا، جو گڏيل هندستان ۾ مسلمان هڪ ڊگهي وقت تائين هڪ بي اختيار ۽ بي اثر اقليت کان وڌيڪ اڳتي وڌي ئي نہ سگهيا. ٻيو تہ انگريز سرڪار مسلمانن مان بہ ڪن مخصوص ذرين ۽ فردن کي اپاري مٿي آندو بہ تہ انهن ۾ بہ هندستان جي يو پي، سي پي ۽ ڪجهہ اهڙن ٻين علائقن سان لاڳاپيل عوام دشمن مڊل ڪلاس ذرين ۽ فردن جي ئي اڪثريت هئي، جيڪا دراصل شروع کان وٺي انگريز رياست ۽ سرڪار جي پڇ –لٽڪائوءِ مراعات يافتا ئي هئي. سنڌين ۽ بنگالين کي تہ خاص ٽارگيٽ تي رکيو ويو انگريزن گڏيل هندستان ۾ انهن ٻنهي قومن جي اسرڻ ۽ اپرڻ جا ڄاڻي ٻجهي سمورا موقعا ختم ڪري ڇڏيا. ان جو هڪ سبب سنڌين ۽ بنگال صوبي ۾ انگريز سرڪار خلاف هلندڙ جدوجهدون بہ هيون. ان ڏس ۾ سنڌ بہ "حر گوريلا تحريڪ" ۽ بنگال ۾ ڪابي ذرجي دهشت پسند انقلابين جي هلايل "دهشت پسند انقلابي تحريڪ" جا مثال ڏئي سگهجن ٿا، جيڪي تاريخ جي رڪارڊ تي پڻ آهن. ٻين طرف وري گڏيل هندستان ۾ هندن ڪانپوءِ انگريز سرڪار ۽ رياست جي جيڪا پڇ –لٽڪائوءِ مراعات يافتا قوم بڻي. اها ڪا ٻي نہ پر پنجابي قوم ئي هئي، پنجابي قوم جيئن تہ پنهنجي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ هڪ آزاد قوم ناهي رهي، بلڪ هميشہ ڌارين حڪمرانن جي غلامي هيٺ رهي آهي. (مان رنجيت سنگهہ جي حڪومت کي پنجابي قوم جي نمائنده حڪومت نٿو سمجهان –جو رنجيت سنگهہ بنيادي طور هڪ سک گهراڻي جو حڪمران هو. ان ڪري رنجيت سنگهہ جي حڪومت کي صحيح معنيٰ ۾ سکن جي ئي نمائنده

حڪومت چئي سگھجي ٿو.) ان ڪري اها وقت جي هر سامراجي ۽ عوام دشمن حڪومت توڙي رياست سان ٺهي هلڻ ۽ ان جي پڇ لٽڪائو بڻجي رهڻ تي ئي قناعت ڪئي آهي. (اها بي ڳالهه آهي ته پاڪستان ٺهڻ جي صورت ۾ پنهنجي تاريخ ۾ هميشه غلام ۽ مطيع رهندڙ پنجابي قوم کي پهريون ڀيرو اوترو ته سياسي، رياستي، انتظامي ۽ اقتداري پاور ۽ اختيار ملي ٿي ويو جو هاڻ اها ان مان ڏاڍپجي ئي نٿي ۽ نتيجي طور ملڪ ۾ شامل ٻين سمورين ننڍين قومن کي غلام بڻائي ورتو آهي.) اهو ئي سبب آهي جو اها گڏيل هندستان ۾ به انگريز رياست جي به پڇ – لٽڪائو ۽ مراعات يافتا قوم بڻي. هندستان ۾ 56 – 1952ع ڌاري انگريز سرڪار خلاف جيڪا "عذر تحريڪ" هلي ته ان ۾ پنجابي قوم انگريز رياست جي مراعات يافتا ۽ پڇ – لٽڪائو قوم هجڻ جو ثبوت ڏيندي نه صرف انگريز فوج جو ساٿ ڏئي ان سڄي تحريڪ کي چٿڻ ۽ ڪچلڻ ۾ سندن مدد ڪئي، پر پنجابي فوج خود پنهنجي انقلابي جوڌي جوانن کي سرعام ڦاهيون ڏئي، ظلم ۽ وحشت جو ننگو نماءُ به ڪيو. ائين دراصل ان تحريڪ کي بيرحمي سان ڪچلڻ ۽ چٿڻ ۾ مدد ڪرڻ ڪانپوءِ گڏيل هندستان ۾ انگريز سرڪار جون پنجابي قوم مٿان مهربانيون وڌنديون ويون. (پنجاب کي سنڌ جي پاڙي چورائڻ ۽ ان تي ڌاڙي هڻڻ جي انگريز سرڪار پاران سرڪاري اجازت نامو به دراصل انهي 56 – 1952ع واري زماني ۾ ئي انگريز فوج جي مدد ڪرڻ جي معاوضي طور ڏنو ويو.) ۽ جتي سندس ترقي ۽ سهولتن لاءِ سمورا رستا کوليا ويا. اتي ڪيس خاص طور ملٽري بيوروڪريسي ۾ هر طرح سان مراعاتون ۽ فائدا ڏئي پڻ اڳتي آندو ويو ۽ ائين فوج ۾ پنجابي قوم هڪ طاقتور ڌر بڻجي اڀري آئي، سو ان سڄي صورتحال هوندي، پاڪستان جي عين قيام وقت يعني 14 آگسٽ 1947ع واري ڏينهن ئي هندستان جي يوپي ۽ سي پي جي عوام دشمن مڊل ڪلاسي قوت جو سول بيوروڪريسي جي روپ ۾ ۽ پنجابي قوم جو وري ملٽري بيوروڪريسي جي روپ ۾ هن ملڪ تي قابض ٿي وڃڻ ڪا اتفاق جي ڳالهه نه هئي. (ياد رهي ته ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت هندستان جي يوپي ۽ سي پي واري علائقن سان لاڳاپيل آءِ سي ايس اعليٰ آفيسرن جي اڪثريت جون نوڪريون هندستان جي مسلم علائقن يعني پاڪستان جي حصي ۾ ايندڙ علائقن ۾ ئي هيون ۽ انهن ورهاڱي وقت اتي ئي رهڻ ۽ نوڪريون ڪرڻ کي ترجيح ڏني، جو کين نئين ملڪ ۾ هر طرح جي ناجائز طاقت، اختيار، مراعات ۽ بي پناهه فائدي ملڻ جا اڳواٽ ئي بندوست ٿيل ڏسڻ ۾ آيو.) پر اها انگريز سرڪار جي هڪ سوچيل سمجهيل پاليسي جو ئي نتيجو هئي، جيڪا جيتوڻيڪ انگريزن ٺاهي ته پنهنجن مخصوص مفادن لاءِ هئي، پر آزادي ملڻ ڪانپوءِ اها پاڪستان ۾ شامل ٿيل ننڍين قومن جي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي ۽ سندن نئين آزادي وري نئين غلامي ۾ تبديل ٿي وئي.

# پنجابي ۽ مهاجر قوتن جو عارضي ٽڪراءُ

جيتوڻيڪ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ان تي ناجائز قبضو ۽ بالادستي برقرار رکڻ لاءِ پنجابي ۽ مهاجر بالادست قوتن ۾ اتحاد تہ ٿي چڪو هو پر ترت ئي ٿوري وقت کانپوءِ پنجاب ۾ ان جي بالادست طبقي کي ان ڳالهہ جو شدت سان احساس ٿيڻ لڳو تہ ملڪ جي سول بيورو ڪريسي ۾ مهاجر قوت حد کان وڌيڪ اڳتي هجڻ سببان ان ۾ سندس نمائندگي اتي ۾ لوڻ برابر ئي آهي ۽ ان ڳالهہ ئي دراصل پنجابي ۽ مهاجر بالادست قوتن ۾ عارضي طور ٽڪراءُ ۽ تضاد پيدا ڪري وڌو. توڙي جو فوجي بيورو ڪريسي ۾ پنجاب جي ئي اڪثريت هئي، بلڪہ ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ملڪ جي سڄي فوجي بيورو ڪريسي پنجاب جي ئي هٿ – وس هئي پر بهرحال سول بيورو ڪريسي ۾ مهاجر قوت جي اڪثريت هجڻ سببان هن ملڪ ۾ واضح طور ڪنهن بہ وقت ٽڪراءَ واري پوزيشن ۾ ايندڙ بن مخالف قوتن جي ايرڻ جا امڪان رهن پيا. (اهڙي امڪاني صورتحال اڳي يا پوءِ پنجاب لاءِ ئي خطرا پيدا ڪري ها) ۽ اهائي ڳالهہ دراصل پنجاب جي مفادن وٽان نہ هئي، پنجاب دراصل هن ملڪ ۾ سموري رياستي طاقت ۽ اختيارن جي مرڪزيت صرف پنهنجن هٿن هيٺ ئي رکڻ پئي گهري. ان ۾ اهو ڪنهن کي بہ برابري جي بنياد تي جائز توڙي ناجائز طرح حصيداري ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو ( ۽ نہ وري هاڻ تيار آهي.) پنجاب مهاجر قوت کي پنهنجي هڪ چوٿي پائيوار جي حيثيت سان تہ ڪجهہ رياستي اختيار ۽ مراعاتون ڏيڻ لاءِ تہ تيار هو پر برابري جي بنياد تي پاور شيئرنگ ۾ هن ڪڏهن بہ مهاجر قوت کي حصيداري ڏيڻ پسند ناهي ڪئي، جو ڪيس اهو امڪاني خوف هو ۽ آهي تہ جيڪڏهن ائين ڪيو ويو ۽ ملڪ جي رياستي اختيارن ۾ شاطراڻي سوچ رکندڙ مهاجر قوت کي برابري جي بنياد تي حصيداري ڏني وئي، اها اٿلندو ڪيس (پنجاب) ئي مغلوب بڻائي ويهي رهندي. اهوئي سبب آهي جو پنجاب مهاجر قوت کي پنهنجي هڪ چوٿي پائيوار کان وڌيڪ اڳتي واري حد ٽپڻ ناهي ڏني.

هوڏانهن ملڪ ٺهڻ کانپوءِ هتي مهاجر قوت جي جائز توڙي ناجائز مفادن لاءِ نمائندگي ڪندڙ وزيراعظم لياقت علي خان هو جنهن دراصل هر حال ۾ هر قيمت تي هن ملڪ ۾ مهاجر لابي کي

هڪ سگهاري سياسي قوت ۾ تبديل ڪرڻ پئي گهري ۽ ان جي شروعاتي شروعاتي طور ڪراچي کان ڪئي وئي. دراصل ڪراچي کي سنڌ کان کسي مرڪز جي حوالي ڪرڻ جو بنيادي مقصد اهو هو تہ اتي مهاجر مفادن کي هر طرح سان مضبوط بڻايو وڃي ۽ ائين بلڪل هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي ۽ سازش تحت هندستان جي يو پي، سي پي ۽ ڪجهہ ٻين علائقن مان ورهاڱي جي آئيني دستاويزن ۾ طئي ڪيل اصولن ۽ قاعدن جي ابتڙ مهاجرن جون لوڏون گهرائي، انهن کي رات وچ ۾ خاص طور ڪراچي ۾ ڪاروبارن، گهرن، ملڪيتن، زمينون، فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جو مالڪ ۽ وارث بنائڻ سميت سمورين رياستي مراعاتن ۽ فائدن سان نوازي کين هڪ مضبوط ۽ سگهاري سياسي پوزيشن ۾ آڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي، ڇيو تہ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ نئين ملڪ ۾ امڪاني طور ملندڙ اڪيچار رياستي، سياسي، معاشي ۽ ڪاروباري فائدي ۽ مفادن کي نظر ۾ رکي مهاجر طبقو هتي اچي تہ ويو ۽ اهي سمورا فائدا فوري طور حاصل بہ ڪري ورتا، پر سندس وڏي بدقسمتي اها ثابت ٿي، جو ان جو هن نئين ٺهيل ملڪ( پاڪستان) ۾ شامل ڪنهن بہ قوم، ان جي ڌرتي، ماڻهن ۽ ثقافت وغيره سان ڪوبہ لڳ لاڳاپو نہ هو ان ڪري هتي مهاجر ڦورو قوتن جي ناجائز مفادن لاءِ مستقل طور هڪ وڏي خطري پيدا ٿيڻ جا پڻ امڪان هئا. اهوئي سبب آهي، جو مهاجر قوتن کي پنهنجي ناجائز مفادن ۽ رياستي مراعاتن کي مستقل طور تي برقرار رکڻ لاءِ هتي پنهنجا چونڊ تڪ جوڙڻ جي بہ ضرورت پيش آئي ۽ ائين شروعاتي طور ڪراچي کي پنهنجو چونڊ تڪ بنائڻ لاءِ اتي ڏڙا ڏڙ مهاجر آبادڪاري ڪرائي، ان جي مستقل رهائش ۽ مفادن جا سڀ۔ طرفا بندوبست ڪري، کين هر طرح جي رياستي مراعاتن ۽ فائدن سان نوازيو ويو. ان ڏس ۾ مشهور دانشور زاهد چوڌري لکي ٿو:

” هن (لياقت علي خان) مرڪزي حڪومت جي سمورن ڪاتن ۾ يو پي جي وڏ مان وڏ ماڻهن کي ڀرتي ڪرڻ جي فقط ان ڪري پاليسي اختيار ڪئي هئي تہ جيئن اهو شهر ڪراچي، سندس هڪ محفوظ چونڊ تڪ بڻجي سگهي، سندس اباڻو چونڊ تڪ هندستان ۾ ئي رهجي ويو هو. لياقت علي خان کي پنهنجي ان سياسي ڪمزوري جو شدت سان احساس هو. ان ڪري هن ان پاليسي تحت يو پي جي ماڻهن کي واپار صفت ۽ ٻيون هر طرح جون مراعاتون ۽ فائدا ڏئي چڙيا هئا.“ (1)°

بهرحال ڪراچي ۾ وزيراعظم لياقت علي خان جي ڪوشش ۽ منصوبا بندي سان مهاجر مفادن تي هر طرح سان اڳتي آندو ويو ايستائين جو پنجاب جي مفادن کي بہ لت رکي وئي، اهڙي طرح 1949ع ڌاري جڏهن ڪراچي جي پوليس ڪاتي ۾ مهاجرن جي ڏڙا ڏڙ ڀرتي ڪرائي، اتان جي ٿي

---

° (1) زاهد چوڌري، پنجابي۔ مهاجر تضاد _ اداره مطالعہ تاريخ، لاهور، صفحو 164

° (2) ساڳيو صفحو 162

سئو کان وڌيڪ پنجابي پوليس اهلڪارن کي ممبئي پوليس ايڪٽ تحت غنڊو قرار ڏئي، شهر نيڪالي ڏني وئي (2) تہ تڏهن پنجابي ۽ مهاجر قوتن ۾ بہ ٽڪراءُ شروع ٿي ويو تنهن کانسواءِ ساڳي ئي سال دوران آگسٽ مهيني ۾ وزيراعظم لياقت علي خان وفاقي نوڪرين ۾ انهن مسلمانن لاءِ بہ 15 سيڪڙو ڪوٽا مقرر ڪري ڇڏي، جيڪي اجا هندستان ۾ ئي ترسيل هئا تہ اهو ٽڪراءُ اجا وڌيڪ تيز ۽ شديد بڻجي ٿي ويو ۽ ان تي پنجابين چوطرف وٺي هاءِ گهوڙا مچائي، جنهن کي زاهد چوڌري جهڙو دانشور بہ مهاجرن خلاف استعمال ٿيندڙ پنجابي ”شائونزم“ قرار ڏئي ٿو. منهنجي خيال ۾ اها پنجابي ”شائونزم“ جي مهاجرن خلاف استعمال ٿيڻ جي تہ ڪا ڳالهہ ئي تہ هئي. اها ڳالهہ تہ دراصل هن ملڪ ۾ ملندڙ ناجائز رياستي مراعاتن ۽ مفادن ۾ حصي پتي تان هلندڙ عارضي ويڙهہ ۽ ٽڪراءَ جو نتيجو هئي ۽ مجموعي طور پنجابي توڙي مهاجر قوتن جو سڄو ”شائونزم“ هن ملڪ جي ننڍين مظلوم قومن ۽ طبقن خلاف استعمال ٿي رهيو هو ۽ استعمال ٿي رهيو آهي. مثال طور ڪراچي کي ملڪ جو گادي جو هنڌ بڻائي، ڪراچي جي سڄي پوليس ڪاتي ۾ مهاجرن کي ڀرتي ڪيو ويو تہ ان سان بنيادي حق تلفي ۽ ظلم ڪنهن سان ٿيو؟ پنجابين سان ٿيو يا ڌرتي ڌڻي سنڌين سان ٿيو!؟ دراصل پنجابي بالادست قوتون مهاجرن تي رڳو ان ڪري ڪاوڙيون ٿي، جو انهن ڦرلٽ واري ڏنڊي ۾ لساني تعصب ۾ پنجابين کان بہ وڌيڪ بہ هٿ اڳتي وڌي مورڳو پنجاب جي ئي مفادن کي خطري ۾ آڻي ٿي ڇڏيو اهوئي سبب آهي جو تنهن وقت عارضي طور پنجابي ۽ پناهگير مفادن ۾ ٽڪراءَ پيدا ٿيو.

سنڌ جي ڪراچي شهر ۾ پناهگير مفادن کي مضبوط ڪرڻ کانپوءِ وزيراعظم لياقت علي خان لاءِ پنجاب ۾ پنهنجو سياسي اثر رسوخ وڌائڻ ضروري هو. جو ائين ڪرڻ کانسواءِ ملڪ ۾ مهاجر مفادن کي حاوي پوزيشن ۾ آڻڻ ممڪن نہ هو ان ڪري وزيراعظم لياقت علي خان طرفان جڏهن 1949ع ڌاري ممتاز دولتانا ۽ فيروز خان نون جهڙن پنهنجن مراعات يافتا مخصوص ماڻهن کي پنجاب جي صوبائي حڪومت ۾ آڻي، ڪين وزارتون ڏئي اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تڏهن پنجاب جي سياسي قيادت نہ رڳو ان ڳالهہ کي ناپسند ٿي ڪيو پر ان تي شديد ڪاوڙ جو بہ اظهار ڪيو جنهن سببان پنجاب ۾ هڪ وڏو سياسي بحران پڻ پيدا ٿيو تان جو وزيراعظم لياقت علي خان بہ پنهنجي ڪوشش کي ناڪام ڏسندي 22 جنوري 1949ع ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ خان افتخار حسين خان جي صوبائي حڪومت ۽ اسيمبلي کي ٽوڙي اتي گورنر راڄ لاڳو ڪري ڇڏيو. ائين لياقت علي خان پنجاب ۾ پنهنجي سياسي پوزيشن کي مضبوط رکڻ لاءِ جتي هر طرح جا حربا ۽ هٿ – ڪنڊا استعمال ٿي ڪيا، اتي هن پنجاب جي سول بيورو ڪريسي ۾ مهاجر قوت کي ڏاڍا ڏڍ آڻڻ شروع پڻ ڪري ڇڏيو ايستائين جو هن پنجاب جي گورنر ۽ هوم سيڪريٽري جهڙن بنهہ اهم عهدن تي سر فرانس مودي ۽ احمد علي جهڙن رٽائرڊ مهاجر ڪامورن جون مقرريون ڪري مهاجر مفادن کي ئي هر طرح سان مضبوط ۽ طاقتور بڻايو ٿي، ان ڏس ۾ تنهن وقت جي پنجاب جي

سرمائيدار ۽ شهري وچولي طبقي جي نمائندا اخبار ”نواءِ وقت“ جا وزيراعظم لياقت علي خان جي پنجاب ۾ مداخلت ۽ ان جي مخصوص پاليسين تي لکيل اکيچار ايڊيٽوريل رڪارڊ تي آهن. جن ۾ وڏا اعتراض اٿاريل آهن. بهرحال پنجاب ۾ ڏينهون ڏينهن وزيراعظم لياقت علي خان نفرت ۽ ڪاوڙ جي لهر تيز ٿيندي وئي ۽ حالتون تيزيءَ سان تبديلي طرف وڌي رهيون هيون. وزيراعظم لياقت علي خان به ان سڄي صورتحال کي چڱي طرح سمجهي ورتو اهو ئي سبب هو جو اتي 10 مارچ 1951ع تي نئين سر صوبائي چونڊون ڪرايون ويون. جنهن ۾ لياقت علي خان جي سرڪاري مسلم ليگ(ياد رهي ته تنهن وقت پنجاب ۾ حسين شهيد سهروردي ۽ ٻين گڏجي جناح عوامي مسلم ليگ جو پڻ بنياد وجهي ڇڏيو هو.) وڏي عوامي اڪثريت سان چونڊون کٽي آئي. چونڊن ۾ پنجاب جي سياسي قيادت وزيراعظم لياقت علي خان تي ڌانڌلين ڪرائڻ جا الزام هنيا ۽ ان کي لياقت علي خان جي جاگيردار آمريت قرار ڏنو. ان ڏس ۾ ”نواءِ وقت“ ڪنهن حد تائين وزيراعظم لياقت علي خان جي بنهه پٽ وائکي پڻ ڪري ٿي ڇڏي, هونئن ته پنجاب ۾ وزيراعظم لياقت علي خان ۽ ان جي مخالف پنجابي سياسي قيادت ۾ بنيادي تضاد دراصل رياستي مفادن وارو هو پر غور سان ڏسبو ته اهو سڄو تضاد اسان کي پنجاب جي شهري وچولي طبقي يعني اڀرندڙ سرمائيدار طبقي ۽ جاگيردارانا ذهنيت ۾ ٽڪراءَ وارو ئي تضاد ڏسڻ ۾ ايندو جو وزيراعظم لياقت علي خان پنهنجي جاگيردارانا ذهنيت سببان ملڪ ۾ سمورا رياستي اختيار ۽ بالادستي واري حيثيت مهاجر مفادن حوالي ڪرڻ خاطر پنجاب جي سياسي قيادت سان نهي هلڻ لاءِ تيار نه هو ته ٻي طرف وري پنجاب جي سياسي قيادت ڪنهن به طرح سان پاڻ کي سياسي طور ڪمزور حيثيت ۾ رکڻ ۽ سمورا رياستي اختيار مهاجر مفادن ڏانهن وڃڻ واري ڳالهه کي برداشت نه پئي ڪيو اهوئي سبب آهي, جو ملڪ ٺهڻ جي ڪجهه سالن ۾ ئي مهاجر مفادن ۽ پنجاب جي سياسي قيادت ۾ تضاد وڌي وڃي ٿي ويو ۽ اڳتي هلي ڪري ان تضاد جي شدت ان پد تي وڃي پهتي, جو پنجاب ۽ ان جي بالادست قوتن 16 آڪٽوبر 1951ع ڌاري راولپنڊي ۾ لياقت علي خان کي قتل ڪرائڻ ۾ ئي پنهنجي خير عافيت سمجهي ۽ ائين پنجاب هڪ طرف مهاجر مفادن سان پيدا ٿيل پنهنجي تضاد ۽ ٽڪراءَ جو بهتر حل ڪڍي ان کي ڪنڊ تي اڇلائي ڇڏيو ته ٻي طرف وري پنجاب پاڻ کي ملڪ جي سموري سول توڙي فوجي بيورو ڪريسي ۾ هر طرح سان اڳتي آڻي, مجموعي طور ملڪ جي سموري رياستي طاقت ۽ اختيارن جي مرڪزيت پنهنجي قبضي هيٺ رکي, ملڪ ۾ باقاعده ۽ منظم طريقي سان ملڪ جي ننڍين مظلوم قومن ۽ صوبن جي ڦرلٽ واري ڏنڌي ۾ جنبي ويو.

# بنگالي قوم جو استحصال

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ پاڪستان ناهڻ ۾ وڏو ڪردار بنگالي قوم جو ئي هو پاڪستان جي خالق/ باني جماعت مسلم ليگ جو بنياد بہ بنگال ۾ بنگالي سياستدانن جي ڪوشش جي نتيجي ۾ ئي پيو ائين پاڪستان ناهڻ جي سڄي تحريڪ ۾ سنڌين سان گڏ بنگالي ئي وڌيڪ اڳيرا ۽ سرگرم هئا، پر تاريخ جي اها ستم ظريفي آهي جو جنهن قوم ملڪ ناهڻ ۾ وڏي چڙهي حصو ورتو – ملڪ ٺهڻ ڪانپوءِ سڀ ڪان پهرين انهي قوم کي قومي ظلم ۽ ڦرلٽ جو نشانو بڻايو ويو.

پاڪستان جي قيام وقت ملڪ جي ڪل آبادي 6 ڪروڙ 90 لک هئي. [1] جن مان 4 ڪروڙ 40 لک آبادي رڳو بنگالي قوم جي هئي [2] ۽ ائين بنگالي قوم پاڪستان ۾ واضح طور وسيع تر گهڻائي ۽ اڪثريت رکندڙ قوم هئي، پر هن ملڪ ۾ ان جي رياست تي قبضو ڪري ويٺل پنجابي- مهاجر بالادست قوتن ان کي ملڪي اقتدار توڙي اختيارن ۾ جائز حق ۽ حصو ڏيڻ لاءِ ڪنهن بہ طرح تيار نہ هيون، جو ڪين ڊپ هو تہ ايئن ڪرڻ سان سنڌن ملڪ توڙي رياستي اختيارن تي قائم ناجائز هڪ هٽي ۽ اسٽيٽسڪو ٽٽي ويندو. اهوئي سبب هو جو بنگالين کي سنڌن قومي حقن ۽ مفادن کان محروم رکي ساڻن هر طرح سان ٻي درجي واري شهري جهڙو ورتاءُ روان رکي ڪين هر سطح تي نظرانداز ڪيو ويو صورتحال اها هئي، جو.

”متحده پاڪستان ۾ بنگالي مجموعي طور آبادي جو 65 سيڪڙو حصو هئا، پر مرڪزي حڪومت ۾ بنگالين کي مجموعي نوڪرين ۾ 15 سيڪڙو کان بہ گهٽ ملازمتون حاصل هيون، ورهاڱي وقت سول سروسز ۽ پوليس سروسز ۾ 101 مسلمان آفيسر هئا. جن ۾ فقط 18 بنگالي هئا.

پاڪستان جي ٽاپ سول سروس عهدا 1960ع تائين 761 هئا، جن ۾ بنگالي صرف 51 هئا، جن مان بہ ڪو بنگالي آفيسر سيڪريٽري ليول جو نہ هو. 41 جوائنٽ سيڪريٽرين ۾ 10 بنگالي هئا، اهڙي طرح پاڪستان جي هٿياربند فوج ۾ بہ 1963ع تائين آڱرين تي ڳڻڻ جيترا بنگالي، بحري ۽ فضائي فوج ۾ هئا.“ [3]

---

[1] ـ ڊاڪٽر مبشر حسن، پاڪستان جا بحران ۽ انهن جو حل
سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي حيدرآباد – صفحو 15 ڇاپو پهريون، 2008ع
2ـ ساڳيو ص – صفحو 15

[3] ـ ذوالفقار قادري، ”ڇا اوير پاڪستان جي ڊار ٽيڻ جو ذميوار ذوالفقار علي ڀٽو؟ روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد ۾ ڇپيل آرٽيڪل

” صوبو اوڀر بنگال، جنهن کي پوءِ اوڀر پاڪستان جو نالو ڏنو ويو. ان ۾ رياست جا غلط قدم کڻڻ ڏينهن کان ئي ڪجهه شروع ٿي ويا. ورهاڱي کان اڳ گڏيل بنگال جو وزيراعظم حسين شهيد سهروردي هو.(1935ع جي قانون تحت صوبن جي وزيراعليٰ کي وزيراعظم چيو ويندو هو) جنهن جو سڄي بنگال ۾ وڏو مقام هو. هو عوام ۾ خاص طور مسلمان عوام ۾ بيحد مشهور هو. 14 آگسٽ تي حسين شهيد سهروردي جي جاءِ تي خواجه ناظم الدين کي اوڀر بنگالجو وزيراعليٰ بڻايو ويو. جيڪو اسيمبلي جو ميمبر به نه هو. ان قدم سان بنگال جي ماڻهن ۾ ڏاڍي مايوسي پيدا ٿي. ان کانسواءِ دريائن ۾ ٻوڏون آيون، فصل تباهه ٿي ويا ۽ خوراڪ جي خطرناڪ حد تائين کوٽ پيدا ٿي، اتان جي هارين جي کيسن ۾ پئسا آڻيندڙ فصل ”پٽ سن“ جون قيمتون ڪري پيون، ان جو اگهه 35 روپيا في مڻ مان ڪري 20 روپيا مڻ ٿي ويو. هارين جو مستقبل اونداهو ٿي ويو. مرڪزي حڪومت ان کي ڏکي بحران تي قابو پائڻ ۾ هڪ غلطي اها به ڪئي، جو اوڀر بنگال جي وڏن وڏن اعليٰ ۽ اهم عهدن تي پنجابي آفيسر ويهاري ڇڏيا. جنهن سان پڙهيل لکيل بنگالين ۾ احساس محرومي وڌي ويئي، ڳالهه اجا تڏهن وڌي وئي جڏهن هڪ مرڪزي منسٽر چيو ته ” پاڪستان ۾ هڪ سينٽرل ايڊ منسٽريٽر سروس قائم ڪئي ويندي، جنهن ۾ صوبي پرستي جي ڪا به گنجائش نه هوندي.“ جنهن جو مطلب اهو ڪڍيو ويو ته مرڪزي حڪومت ۾ ڀرتيون فقط امتحان ۽ انٽرويو جي بنياد تي ڪيون وينديون ۽ بنگالي اعليٰ سروس ۾ جيڪي اڳي ئي تمام گهٽ هئا. سندن کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ ڪي خاص قدم نه کنيا ويا. اوڀر بنگال جي ماڻهن کي هڪ وڏي شڪايت اها به هئي سندن نوجوانن لاءِ فوج ۾ ڀرتي لاءِ دروازا بند هئا.

مثال وري 6 جنوري 1948ع تي وزيراعظم لياقت علي خان پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته هٿيار بند فوج ۾ ڀرتي لاءِ ڪي به نوان قاعدا نه ٺاهيا ويا آهن ۽ اهو ڪم پراڻن قاعدن تحت جاري رهندو. ان مان مطلب اهو ڪڍيو ويو ته جسماني معيار کي نظر ۾ رکندي جيڪا پاليسي انگريزن ٺاهي هئي جنهن تحت سنڌين ۽ بنگالين جي ڀرتي نه پئي ٿي، ان کي جاري رکندي اڳي وانگر خاص علائقن مان ڀرتي ڪئي ويندي. انهن ئي ڏينهن ۾ اخبارن ۾ پاڪستان ايئر فورس ۾ ڀرتي لاءِ اشتهار شايع ٿيا. جنهن ۾ اميدوارن کي جهلم، لاهور، ملتان، راولپنڊي، سيالڪوٽ، سرگوڌا ۽ پشاور ۾ ڀرتي ڪندڙ آفيسرن سان رابطي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ چيو ويو ته هيڊ ڪوارٽرز ۾ درخواستون نه ڏنيون وڃن، يعني بنگالي نوجوانن کي درخواست ڏيڻ لاءِ پنجاب وڃڻو پوندو. ان جو مطلب ٿيو ته مرڪزي حڪومت عوام جي خواهشن کان اڻ واقف هئي ۽ بنگالين سان تعصب رکندي هئي،

---

(4) ڊاڪٽر مبشر حسن، پاڪستان جا بحران ۽ انهن جو حل، سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي - حيدرآباد، صفحو 15_14

مرڪزي حڪومت، انگريز حڪومت واريون جابراڻيون پاليسيون جيئن جو تيئن جاري رکيون. 1947ع ۾ ئي هڪ وزير فضل الرحمان اعلان ڪري ڇڏيو تہ صوبن ۾ تعليم صوبائي ٻولي ۾ ڏني ويندي پر بين الصوبائي معاملن لاءِ هڪ ٻولي هوندي، جيڪا هن جي خيال ۾ اردو هوندي. اهو هڪ انتهائي بيوقوفاڻو انڪشاف هو.“

بهرحال ائين پاڪستان ٺهڻ بعد بنگالين جي سياسي، سماجي ۽ معاشي ترقي توڙي اوسر جا سمورا رستا ۽ گهٽ گهيڙ بند ڪري کين هر طرح سان محدود ۽ سياسي طور ڪمزور ۽ غلام رکڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي وئي. بنگالي ٻولي کي قومي ٻولي بنائڻ جو سوال اٿيو تہ ان تي ملڪ ۾ وڏو محاذ کڙو ڪيو ويو ۽ هڪ نفرت انگيز صورتحال پيدا ڪرائي وئي. اصولي طور تي ملڪ ٺهڻ ڪانپوءِ بنگالي ٻولي کي قومي ٻولي بنائڻ کپندو هو، جو اها نہ رڳو ملڪ ۾ شامل وسيع تر گهڻائي رکندڙ قوم جي ٻولي هئي پر علمي، تاريخي ۽ ادبي اعتبار کان اها اعليٰ ثقافتي ۽ تهذيبي قدرن جي وارث هڪ قديم ۽ شاهوڪار ٻولي هئي، پر جيئن تہ پاڪستان جي بالادست پنجابي – مهاجر قوتن کي هن ملڪ ۾ شامل سمورين قومن جا گڏيل ۽ اجتماعي مفاد نہ پر پنهنجا مخصوص عوام دشمن ۽ ناجائز مفاد ئي عزيز هئا (۽ آهن) ان ڪري ان بنگالي ٻولي کي قومي ٻولي بنائڻ بدران هڪ مخصوص لساني اقليت جي ٻولي کي قومي ٻولي بڻائي ڇڏيو. جنهن جو ملڪ ۾ شامل ڪنهن بہ قوم توڙي ان جي تاريخ، ڪلچر، ڌرتي ۽ ثقافت وغيره سان ڪو پري جو بہ نہ رڳو واسطو نہ هو پر اها مجموعي طور 5 سيڪڙو آبادي جي بہ ٻولي نہ هئي، ائين دراصل بنگالي ٻولي کي ان جي جائز حيثيت ۽ درجو نہ ڏئي بنگالي قوم سان پهرين وڏي قومي زيادتي ڪئي وئي، اهوئي سبب آهي، جو نہ رڳو بنگالي قوم ۾ احساس محرومي اپرڻ لڳي، پر منجهس قومي ظلم ۽ ڦرلٽ خلاف بہ شديد نفرت وارا جذبا پيدا ٿيڻ لڳا. (جيڪي اڳتي هلي وڏي عوامي غصي ۽ ڪاوڙ ۾ تبديل ٿي ويا.) جنهن جو ثبوت 1952ع ڌاري ڍاڪا يونيورسٽي ۾ بنگالي شاگردن پاران ڪيل احتجاج بہ آهن. جن تي جهڙي نموني پاڪستاني رياست ايڪشن ڪنيو ۽ جيڪو اتي بنگالي شاگردن جو ڪوس ڪرايو، اهو سڀ تاريخ ۾ رڪارڊ تي آهي، هونئن بہ 1953ع ڌاري بنگالي سياستدان وزيراعظم خواجا ناظم الدين جي حڪومت کي برطرف ڪري ڇڏڻ، ٻن سالن ۾ وري وزيراعظم محمد علي بوگره ۽ وزيراعظم چوڌري محمد علي جي حڪومتن کي ٽوڙي ڇڏڻ، 1955ع ۾ فوجي جنرل ايوب خان ۽ اسڪندر مرزا جهڙن ملٽري بيورو ڪريسي جي نمائندن کي سول حڪومت ۾ گهلي اچڻ، سياست ۾ فوجي مداخلت جا بنياد وجهڻ، 1956ع ۾ اسڪندر مرزا جي صدر ٿيڻ ۽ ترت ئي ملڪ ۾ مارشل لا لڳائڻ جو اعلان ڪرڻ ۽ ٻن سالن بعد وري يعني 1958ع ۾ جنرل ايوب پاران مارشل لا کي باقاعده آئيني ۽ قانوني جواز فراهم ڪري ان کي 1969ع تائين اينگهائي ڇڏڻ، ون يونٽ مڙهي ننڍين صوبن سنڌ، بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا جي صوبائي ۽ قومي حيثيت ۽ تشخص کي ختم ڪري، اولهہ پاڪستان وارو نام

نهاد صوبو ناهڻ اهو سڀ ڇا هو!؟ ڇا اهو سڄو ڊرامو بنگالين جي سياسي سگهہ کي ڌڪ هڻڻ ۽ سندن رستا روڪ ڪرڻ لاءِ نہ هو؟

دراصل ايوبي آمريت جي سڄي دور ۾ بنگالين کي هر طرح سان سوڙهو ۽ تنگ رکڻ لاءِ رياستي سطح تي ڪا ڪسر نہ ڇڏي ويئي. ون يونٽ بہ دراصل بنگالين کي ناجائز طريقي سان عددي طور اقليت ۾ آڻي، ڪيس دبائي، ڦري ۽ کين محڪوم بنائڻ جو ئي هڪ منصوبو هو جنهن جو عذاب بنگالين سان گڏ سنڌين، بلوچن ۽ ڪنهن حد تائين خيبر پختونخوا صوبي وارن بہ برداشت ڪيو. بهرحال آمريت جي خاتمي ڪانپوءِ جنرل يحيٰ آيو جنهن 1970ع ۾ چونڊون ڪرايون. جيئن تہ بنگالي هن ملڪ جي بالادست پنجابي ۽ مهاجر قوتن هٿان ڏنگجي چڪا هئا، ان ڪري چونڊن ۾ شيخ مجيب الرحمان ۽ سندس پارٽي عوامي ليگ واضح طور وڏي اڪثريت سان چونڊجي آئي، اصولي طور گڏيل پاڪستان جو اقتدار اعليٰ شيخ مجيب الرحمان ۽ سندس پارٽي جي حوالي ڪرڻو هو پر ملڪ تي قابض پنجابي ۽ مهاجر قوتن ائين نہ پئي ڪرڻ چاهيو. ان جو سبب اهو هو تہ شيخ مجيب الرحمان بہ جناح وانگر نہ رڳو محدود مرڪز ۽ طاقتور صوبن جي ڳالهہ پئي ڪئي پر هو مجموعي طور صوبن کي مڪمل خودمختياري ڏيڻ جو حامي هو ۽ اعليٰ الاعلان اها ڳالهہ پئي ڪئي، جنهن جو ثبوت سندس ڇهہ نقاطي پروگرام هو جنهن ۾ دفاع، ڪرنسي ۽ پرڏيهي معاملا وفاق ۽ ٻيا معاملا توڙي ڪاتا صوبن جي حوالي ڪرڻ جي ڳالهہ ڪيل هئي. ان ڳالهہ ڪان ئي دراصل ملڪ جي بالادست قوتن کي وڏو ڌڪ هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن شيخ مجيب الرحمان ۽ سندس پارٽي عوامي ليگ کي اقتدار ملي پوي ها تہ گهڻا امڪان ان ڳالهہ جا هئا تہ ملڪ ۾ شامل سمورن صوبن کي مڪمل خودمختياري ۽ خوداختياري ڏني وڃي ها، جيڪا ڳالهہ دراصل هن ملڪ ۽ ان جي رياست تي قابض پنجابي ۽ مهاجر قوتن جي ناجائز قبضي ۽ اسٽيٽسڪو لاءِ وڏو ڌڪ ثابت ٿئي ها، ان ڪري ملڪ جي بالادست قوتن لاءِ اهو ضروري هو تہ شيخ مجيب الرحمان ۽ سندس پارٽي کي اقتدار نہ ڏنو وڃي. ائين بنگالي عوام جي مينڊيٽ جي توهين ڪئي وئي ۽ کين اقتدار ۽ اختيار ڏيڻ (جيڪو سندن قانوني، سياسي، عوامي، اخلاقي ۽ رياستي حق بڻجي چڪو هو) کان ٽپ جواب ڏنو ويو جنهن جي نتيجي ۾ سڄو بنگال سراپا احتجاج بڻجي ويو بغاوت جي هڪ لهر پيدا ٿي، ماڻهن روڊ ۽ رستن تي نڪري آيا. سخت احتجاج ڪيو ويو ملڪ جي بالادست قوتن کي پنهنجا ناجائز مفاد ۽ هڪ هٿي خطري ۾ ايندي ڏسڻ ۾ آئي. نتيجي ۾ فوجي آپريشن ڪرايو ويو جنهن دوران بنگالي قوم سان ظلم، انياءَ، ڏاڍ ۽ عصمت دري جون جيڪي ڪهري ڪارروايون ڪيون ويون، اهو سڀ تاريخ ۾ رڪارڊ تي آهي. هوڏانهن مسئلي جي حل ڪڍڻ لاءِ ملڪ جي بالادست ڌرين ۽ رياستي ادارن پ پ ۽ ان جي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو کي اقتدار ڏيڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا قبول ڪئي وئي. اتي اصولي طور تي ذوالفقار علي ڀٽو جهڙي ”عوامي“ سياستدان کي اقتدار واري آڇ

قبول نہ ڪرڻ ڪپندي هئي، ڇو تہ ملڪي اقتدار تي سڀ کان پهرين بنگالي قوم ۽ ان جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي جو ئي قانوني، عوامي، اخلاقي ۽ رياستي حق هو. جو اها ئي پارٽي گڏيل پاڪستان يعني اولهہ ۽ اوڀر پاڪستان مان هڪ واضح عوامي اڪثريت سان چونڊون کٽي آئي هئي. ذوالفقار علي ڀٽو جو اهو سياسي ۽ اخلاقي فرض هو تہ هو بنگالين کي ملڪي اقتدار نہ ڏيڻ واري ڳالهہ جي اصولي طور تي جائز مخالفت ڪري ها ۽ ملڪ جي بالادست قوتن جو ساٿ ڏيڻ بدران بنگالي قوم جو ساٿاري بڻجي ها ۽ جيڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ائين ڪري ها تہ مان سمجهان ٿو تہ پاڪستان جي هاڻ صورتحال ئي ڪجهہ ٻي هجي ها ۽ هتي قومي ٿرلٽ ۽ صوبائي خودمختياري جهڙا مسئلا ئي ختم ٿي چڪا هجن ها، پر جيئن ذوالفقار علي ڀٽو بہ روايتي مڊل ڪلاس طبقي منجهان هو. جنهن جو دين ۽ ايمان ذاتي فائدو ئي هجي ٿو ان ڪري اهو بہ اسٽيبلشمينٽ طرفان اقتدار ڏيڻ جي صورت ۾ ملندڙ ذاتي فائدي ۽ پوزيشن کي رد نہ ڪري سگهيو ۽ اقتدار حاصل ڪري ويهي رهيو ۽ هوڏانهن اوڀر پاڪستان بہ پنهنجي منطقي نتيجي طور هڪ آزاد ملڪ بنگلاديش جي روپ ۾ اولهہ پاڪستان کان هميشہ هميشہ لاءِ ڌار ٿي ويو.

# قومي ٽڪراءَ جي بدليل صورت ۾ سنڌ

دراصل 1971ع واري سانحي ۾ بنگالي قوم پاران پاڪستان جي نام نهاد ۾ اسٽيٽسڪو تي ٻڌل ”وفاقي پارلياماني سياسي نظام“ کان پنهنجي جان ڇڏائڻ ڪانپوءِ هن ملڪ ۾ پنجابي ۾ مهاجر بالادست قوتن سان پيدا ٿيل بنگالي قوم جو قومي تضاد ۽ ٽڪراءُ مجموعي طور تبديل ٿي، اهو نئين حالتن ۾ پنجابي ۽ مهاجر بالادست قوتن جي سنڌي قوم سان پيدا ٿيل قومي تضاد ۽ ٽڪراءَ واري صورت اختيار ڪري بيٺو هوئن تہ سنڌ جي حقن تي ڌاڙن ۽ سندس قومن خودمختياري تي راتاهن توڙي ڦرلٽ جي ڊگهي تاريخ آهي. پر ويجهڙائي واري جديد تاريخ ۾ انهن جو بنياد پاڪستان ٺهڻ دوران پيو تہ وري انهن ۾ شدت ۽ تيزي مجموعي طور 1971ع واري دور ڪانپوءِ آئي، اهوئي سبب آهي. جو انهي 1971ع واري دور ڪانپوءِ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مزاحمتي سياسي سگهہ ۽ قوت بہ منظم انداز ۾ اڀري نروار ٿي. جيتوڻيڪ 1954ع ۾ ون يونٽ لاڳو ٿيڻ بعد ترت ئي سنڌي عوام پنهنجن قومي حقن ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ قومي جدوجهد جي شروعات ڪري ڇڏي هئي، 4 مارچ واري شاگرد جدوجهد، زمينن جو نيلام بند ڪريو تحريڪ، ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو تحريڪ ۽ ايوبي آمريت خلاف مزاحمت اهي سڀ تحريڪون دراصل ان قومي جدوجهد جو حصو هيون. پر بهرحال اهو سڄو هڪ مزاحمتي پراسيس هو جنهن جو منطقي عروج وري ايم آر ڊي تحريڪ (MOVEMENT OF RESTORATION OF DEMOCRACY) جي صورت ۾ ظاهر ٿيو جنهن ۾ ضيائي آمريت خلاف سنڌي ماڻهن ۽ عوام جنهن همٿ، مڙسي، بهادري ۽ اورچائي سان سگهاري مزاحمت ۽ ثابت قومي جو ثبوت ڏنو اهو سڀ تاريخ ۾ رڪارڊ تي آهي. جيتوڻيڪ ايم آر ڊي تحريڪ تہ جنرل ضياءَ جي فوجي آمريت ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ هلائي وئي، پر بهرحال ان جي شدت ۽ تيزيءَ پنيان سنڌي عوام جي سياسي، قومي، معاشي، سماجي ۽ رياستي حقن توڙي مفادن تي ورهين کان لڳندڙ ڌاڙن، ناانصافين ۽ حق تلفين خلاف پيدا ٿيل ڪاوڙ ۽ ڪروڌ تي ڪارفرما هو اها تحريڪ ايتري تہ زبردست ۽ ڀرپور هئي، جو هن ملڪ ۽ ان جي رياست تي قابض پنجابي ۽ مهاجر قوتون ئي وائڙيون ۽ ٻتال ٻڌجي ٿي ويون ۽ ڪين مورڳو پنهنجي ناجائز بالادستي ۽ اسٽيٽسڪو کي ئي خطرو لاحق ٿيندي محسوس ٿيو اهوئي سبب آهي، جو ملڪ جي پنجابي ۽ مهاجر بالادست قوتن ۽ سندن رياستي ادارن کي، سنڌي ماڻهن کي محدود ۽ سوڙهي ڪرڻ لاءِ جوابي

حڪمت عملي طور سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جهڙي فاشسٽ ۽ دهشتگرد تنظيم کي اپارڻ، مقامي سطح تي ان جا چاڙتا ۽ اتحادي پيدا ڪرائڻ، سياست کي عوام دشمن جاگيردار طبقي جي حوالي ڪرڻ، عوام جو رت پيئندڙ مردار ۽ مڪروهه جاگيرداري نظام ۽ ان جي اڳواڻ قوتن کي سگهارو ۽ مضبوط ڪرڻ ۽ تعليم کي ڏوهاري سرگرمين ۽ ڪرپشن ذريعي تباهه ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي ۽ ائين رياستي سطح تي سوچيل سمجهيل پاليسي ۽ رٿابندي سان سنڌ ۽ سنڌي عوام جي سڀ طرفي تباهي، ڦينگ ۽ ڦرلٽ جا سمورا بندوبست ڪيا ويا، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو اڄ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو پاڻي ۽ ناڻي جي غير منصفاڻي ورڇ، شهرن تي قبضن، نوڪرين ۽ روزگار تي ڌاڙن، ڌارين جي آبادڪاري، مردار جاگيرداريت، غربت، دهشتگردي، قبائلي ۽ قومي تڪرارن، بک، مهانگائي، بيروزگاري، قدرتي وسيلن جي بيرحم ڦرلٽ ۽ ڦينگ، جائز قانوني، قومي، سياسي، معاشي، عدالتي، سماجي ۽ رياستي حقن جو نه ملڻ، هر سطح تي فرق، ٻيائي ۽ متڀيد واريون پاليسيون روان رکڻ ۽ حق حاڪميت تان دستبرداري جهڙن موتمار ۽ قومي تشخص لاءِ خطرو بڻيل اڪيچار مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ اهوئي سبب آهي، جو هاڻ سنڌ ۾ صوبائي ۽ قومي خودمختياري جو مطالبو زور وٺندو پيو وڃي، جيتوڻيڪ صوبائي توڙي قومي خودمختياري هن ملڪ جي نندڙين مظلوم قومن ۽ طبقن جي سمورن مسئلن جو مڪمل حل ته ثابت نه ٿيندي، جو مٿي وري به رياستي ۽ انتظامي ڍانچي تي مخصوص بالادست قوتن جو ئي قبضو ۽ اسٽيٽسڪو آهي، پر بهرحال موجوده حالتن ۾ صوبائي ۽ قومي خودمختياري ملڻ سان ڪيترن ئي مسئلن مان جان ڇڏائي سگهجي ٿي. جيتوڻيڪ سنڌ هونئن ته سياسي، قومي ۽ معاشي توڙي رياستي طور تي اڪيچار مسئلن جو شڪار آهي، پر انهن مان مک مسئلا هي آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

## (1) پاڻي جو مسئلو:

سنڌ جو موجوده صورتحال ۾ وڏي مان وڏو ۽ اهم مسئلو دراصل پاڻي وارو مسئلو ئي آهي، جو سنڌ جي سڄي زرعي معيشت جو دارومدار به پاڻي تي ئي آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته اسان جي ملڪ جو وڏو صوبو يعني پنجاب پنهنجي سوين ايڪڙ بنجر ۽ غير آباد زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙا هڻندو رهيو آهي. ڪالاباغ ڊيم جو منصوبو هجي يا ٿل ڪينال جي رٿا هجي، چشما جهلم لنڪ ڪينال هجي يا تونسا پنجند جهڙو ڌاڙيل واهه هجي، پنجاب سنڌ جي پاڻي تي اڪيچار منصوبن، بهانن ۽ رٿائن ذريعي ڌاڙن هڻڻ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي. هڪ طرف پنجاب طرفان پاڻي تي لڳندڙ ڌاڙن ۽ ٻي طرف وري سنڌ جو قدرتي طور پڇڙي تي هجڻ ڪري سنڌ ڄڻ ته ٻٽي عذاب جو شڪار رهي آهي ۽ ان عذاب وري سنڌ کي پاڻي جي مستقبل کوٽ ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏي آهي، جيڪا سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو سالن کان ڀوڳيندا پيا اچن. سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ سببان مجموعي طور جيڪا صورتحال پيدا ٿي آهي، اها هي آهي:

”ڪوٽڙي، سکر ۽ گڊو بئراج وٽ پاڻي گهربل مقدار ۾ نٿو پهچي، ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم جي جيڪا حالت ٿي آهي، اها هاڻ ڪنهن کان به ڳجهي ناهي رهي. 1991ع واري ٺاهه مطابق ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ گهٽ مان گهٽ 10 ملين ايڪڙ فوٽ (ايم اي ايف) پاڻي ڇڏڻ ضروري آهي، پر ملڪ جي هڪ مخصوص قوم ۽ طبقي جي رياستي ادارن تي هڪ هٽي ۽ اسٽيٽسڪو هجڻ سببان 1991ع واري پاڻي ٺاهه تي اصول ۽ قانون مطابق عمل نٿو ٿئي. (ياد رهي ته 1991ع واري پاڻي ٺاهه جي رڳو پيرا-2 تي عمل نه ٿيڻ ڪري سنڌ کي روزانو هڪ ملين ايڪڙ فوٽ جو ڏار نقصان برداشت ڪرڻو ٿو پوي) جنهن ڪري هن وقت سڄي ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ مٽي ۽ واري اڏامي ٿي، هاڻي ته اهي خبرون به اخبارن ۾ رپورٽ ٿي آيون آهن ته سنڌو درياهه جو وهڪرو عملي طور بند ٿي وڃڻ ڪري ڪوٽڙي بئراج جو پاڻي ٺي سائو ٿي ويو آهي، جنهن ڪري خطرناڪ بيمارين پکڙجڻ جا به امڪان پيدا ٿي ويا آهن. پاڻي جي سطح گهٽ ٿي وڃڻ ڪري لاکڙا پاور هائوس پڻ بند ٿي ويو آهي. تنهن ڪانسواءِ سمنڊ سنڌ جي ٻن ضلعن ٺٽي ۽ بدين ۾ جيڪا تباهي مچائي آهي. ان ته سنڌي عوام کي اڪيچار ڳڻتين ۽ پريشانين جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي. پاڻي ۽ زمين جا ماهر ٻڌائين ٿا ته سمند روزانو 80 ايڪڙن کان به وڌيڪ زمين ڳڙڪائي رهيو آهي. جي صورتحال ائين رهي ته سنڌ جو قومي وجود ۽ تشخص کي ئي مورڳو خطرو لاحق ٿي ويندو. جو سنڌ سمنڊ حوالي ٿي ويندي، ماڻهو ڪاوڙ گاڏڙ حيران ۽ پريشان آهي. لکين ۽ ڪروڙين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي، انڊس ڊيلٽا جي تباهي کان وٺي جهنگلي جيوت جي مرڻينگ حالت تائين سڄو منظر سامهون آهي.(1)°

بهرحال پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ تمام گهڻو متاثر ٿي آهي. پاڻي جي لاڳيتو کوٽ ۽ وقت تي پاڻي نه ملڻ ۽ بند ٿي وڃڻ سبب جتي سنڌ جا فصل سڙي سکي تباه ٿي وڃن ٿا. جنهن سببان هاري ۽ آبادگار طبقو لکين ۽ ڪروڙين روپين جي نقصان هيٺيان دٻجي چڙ ته معاشي طور ڪنگال ٿِڄي چڪو آهي ته اتي مجموعي طور سنڌ جي سموري زرعي معيشت توڙي معاشي اپت به تباهه ٿي ويئي آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو سنڌ ۾ هڪ طرف غربت ۽ بيروزگاري ۾ وڌو اضافو آيو آهي ته ٻي طرف بدامني، افراتفري، عدم تحفظ ۽ غير يقيني واري صورتحال به منهن ڪڍيو آهي، الميو اهو آهي ته اسان جي صوبائي حڪومتن کي به گهربل سطح جي آزادي ۽ خودمختياري نه هجڻ سببان اهي پاڻي جهڙي هن اهم مسئلي جي نبيري واسطي ڪوبه اثرائتو ۽ سنجيده ڪردار ادا ناهن ڪري سگهيون.

## (2) ناڻي جي غير منصفاڻي ورڇ:

اسان وٽ هتي پاڪستان ۾ اين ايف سي ايوارڊ (NATIONAL FINANCIAL COMMISSION) جي صورت ۾ ناڻي جي اهڙي ته غير منصفاڻي ورهاست ٿئي ٿي، جو ملڪ جا ننڍا

---

°(1) - اياز علي، "پاڻي مسئلو نواز ليگ ۽ سنڌ" (آرٽيڪل، 23 فيبروري 2010 روزانه "عبرت" حيدرآباد)

صوبا ملڪي پيداوار ۾ ناڻي جو وڏيڪ ۽ وڏو حصو وفاق کي ڏيڻ باوجود اهي هميشہ شديد مالي بحران کي پوڄيندا رهن ٿا. مثال جيئن سنڌ روينيو ۾ وفاق کي 2 سئو ارب روپيا ڏئي ٿي، پر موٽ ۾ وفاق وٽان ڪيس ايتري بہ رقم نٿي ملي، جو اها پنهنجي بنيادي ضرورتن ۽ گهرجن جو پورائو ڪري سگهي، سڄي دنيا جي گهڻ – قومي ملڪن (Multi National States) ۾ ناڻي جي ورهاست وارو معاملو وڏو حساس ۽ اهم رهيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو دنيا ۾ ناڻي جي ورهاست هميشہ گهڻ رخي فارمولي تحت ئي ڪئي ويجي ٿي، پر پاڪستان ۾ شامل صوبن ۽ قومن مان هڪ وڏي ناانصافي ۽ فراڊ اهو بہ ڪيو ويجي ٿو، جو هتي ناڻي جي ورهاست گهڻ رخي فارمولي تحت ڪرڻ بدران هڪ طرفي بنياد تي ڪري، رڳو هڪ مخصوص صوبي ۽ مخصوص قوم کي ئي وڏو فائدو پهچايو ويجي. جيتوڻيڪ موجوده پ پ حڪومت ۾ آيل ستين مالياتي ايوارڊ ۾ پهريون پيرو روينيو، غربت ۽ ايراضي جهڙن اسمن کي شامل ڪري ناڻي جي ورهاست ڪنهن قدر گهڻ رخي فارمولي تحت ڪئي وئي آهي، جنهن مطابق پنجاب کي 51.74 سيڪڙو، سنڌ کي 24.55 سيڪڙو، بلوچستان کي 9.09 سيڪڙو ۽ سرحد صوبي کي 14.62 سيڪڙو ناڻي جو حصو ملندو. جڏهن تہ وفاق ورڇ جوڳي پول مان ساڍا 42 سيڪڙو حصو ڪٽندو ۽ وري ساڍا 57 سيڪڙو رقم صوبن حوالي ڪندو، پر بهرحال ان ۾ وري بہ آبادي کي 82 سيڪڙو بنياد بڻائي سڌي طرح پنجاب کي ئي ناڻي جو وڏو حصو ڏئي ان کي ئي دراصل وڏو مالي فائدو پهچايو ويو آهي. تنهن ڪانسواءِ هن مالياتي ايوارڊ ۾ جنرل سيلز ٽيڪس جي حوالي سان سنڌ کي جيڪو فائدو ڏنو ويو. اهو فائدو بہ هاڻي وفاق ويليو ايڊيڊ ٽيڪس (Value Added tax) ۽ آر جي ايس ٽي (Reformed General Sales tax) جي نالي تي واپس کسي رهيو آهي. ان ڪري ان گهڻ- رخي فارمولي تحت آيل ستين قومي مالياتي ايوارڊ کي بہ ڪنهن بہ طرح سان صحيح، جائز قانوني ۽ ناڻي جي منصفاڻي ورهاست وارو ايوارڊ نٿو چئي سگهجي.

## (3) قدرتي وسيلن جي مالڪي نہ ملڻ:

سنڌ تيل، گئس ۽ ڪوئلي جهڙي قدرتي معدنيات ۽ وسيلن جي حوالي سان پاڪستان جو هڪ اهم ۽ وڏو زرخيز صوبو رهيو آهي. دراصل سنڌ ئي پاڪستان جو اهو واحد صوبو آهي، جيڪو تيل، گئس ۽ ڪوئلي جي پيداوار جو ملڪ کي هڪ وڏو حصو فراهم ڪري ٿو. مثال طور 2006ع جي رڪارڊ مطابق سنڌ جي گئس جي ڪل پيداوار 1000415 ملين ايم ايم سي ايف، پنجاب جي 68608 ملين ايم ايم سي ايف، بلوچستان جي 318180 ملين ايم ايم سي ايف ۽ خيبر پختونخوا جي 26370 ملين ايم ايم سي ايف آهي، جنهن مطابق سنڌ جو گئس جي ڪل ملڪي پيداوار ۾ 70.77 سيڪڙو، پنجاب جو 4.58 سيڪڙو بلوچستان جو 22.56 سيڪڙو خيبر پختونخوا جو 1.86 سيڪڙو حصو نهي ٿو. ساڳي طرح تيل ۾ سنڌ جي ڪل پيداوار 13.87 ملين بيرل، پنجاب جي 7.85 ملين بيرل، بلوچستان جي 0.024 ملين بيرل ۽ خيبر پختونخوا جي 2.8 ملين بيرل

پيداوار آهي، جنهن مطابق سنڌ جو تيل جي ڪل ملڪي پيداوار ۾ 36. 56 سيڪڙو پنجاب جو 31 .91 سيڪڙو بلوچستان 1. 0 سيڪڙو خيبر پختونخوا جو 619. 11 سيڪڙو حصو هجي ٿو. جڏهن تہ گئس جي ڪل ملڪي ذخيرن 11. 33 ٽي سي ايم مان سنڌ جا 33. 19 ٽي سي ايم، تيل جي ڪل ملڪي ذخيرن 473. 324 ملين بيرل مان سنڌ جا 36. 127 ملين بيرل، ۽ ڪوئلي جي ڪل ملڪي ذخيرن 185173 ملين ٽن مان سنڌ جا 184623 ملين ٽن ذخيرا آهن پر الميو اهو آهي تہ ملڪ جي تيل، گئس ۽ ڪوئلي جي ڪل ملڪي پيداوار ۾ سنڌ جو ايڏو وڏو حصو ۽ ذخيرا هجڻ باوجود سنڌ کي جائز حق ۽ حصو ملڻ تہ ٺهيو پر مورڳو ان کي قدرتي وسيلن جي مالڪي بہ نٿي ڏني وڃي، جيڪا هڪ وڏي ناانصافي ۽ ظلم آهي ۽ منهنجي خيال ۾، ان جو خاتمو تيستائين ممڪن ناهي، جيستائين ملڪ جي سمورن ننڍن صوبن ۽ قومن کي مڪمل صوبائي خودمختياري ۽ خود اختياري نٿي ملي.

## (4) ايم ڪيو ايم:

اها حقيقت آهي تہ ايم ڪيو ايم هڪ فاشسٽ ۽ دهشتگرد تنظيم آهي، جنهن جو وجود سنڌ تي هڪ ڪاري داغ وانگر آهي، ايم ڪيو ايم ڇو ٺهي؟ ڪنهن ٺهرائي؟ ڪهڙن مفادن ۽ مقصدن لاءِ ان کي استعمال ڪيو ويو ۽ اڃا بدستور ان کي استعمال ڪيو پيو وڃي؟ ان تي جيتوڻيڪ سنڌ ۾ گهڻو ڪجهہ لکجي چڪو آهي. (ان ڏس ۾ سنڌ جي ٻن سياسي دانشورن رسول بخش پليجي ۽ جامي چانڊيي جا لکيل ڪتاب بلڪل پڙهڻ وٽان آهن) ان ڪري ان تي لکڻ جي ڪا گهڻي ضرورت ناهي. پر بهرحال اهو طئي آهي تہ ايم ڪيو ايم ۽ سندس متعصب قيادت سنڌ کي ڪڏهن بہ فائدو ناهي ڏنو. فائدو ڏيڻ تہ پنهنجي جاءِ تي، پر ان سنڌ جي قومي مفادن جي خلاف ڪم ڪري، هميشہ سنڌ ۽ سنڌين کي ڳرا نقصان ئي ڏنا آهن. اها رڪارڊ جي ڳالهہ آهي تہ ايم ڪيو ايم جيڪا ڪنهن پريمي جوڙي سان ٿيل نانصافي تي تہ حڪومت کان ڌار ٿيڻ جي ڌمڪي ڏيو ڇڏيندي آهي، پر سنڌ جي پاڻي، ناڻي، روزگار يا ڌارين جي آبادڪاري جهڙن اهم قومي مسئلن تي ڪڏهن بہ اڄ سوڌو تائين ڪو واضح اسٽينڊ وٺي ناهي سگهي، جڏهن تہ اها ڳالهہ بہ رڪارڊ آهي تہ ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ ڪنهن بہ ڌر جي ٺهندڙ حڪومت سان ڪوآرڊينيشن ڪرڻ بدران هميشہ ان کي يرغمال بڻائي، پنهنجن ناجائز ۽ گروهي مفادن لاءِ هر طرح سان ان کي بليڪ ميل ڪندي رهي آهي ۽ ائين ئي اڄ ڪلهہ پ پ حڪومت کي بليڪ ميل ڪيون وٺي آهي.

اسان وٽ ڪيترائي دوست اڄ بہ اهي ٻڌاڪ هٽندي ٽڪجن ئي نٿا تہ ايم ڪيو ايم ۽ سندس قيادت سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پهري سنڌ دوست بڻجي وئي آهي، پر ڪير ٻڌائيندو تہ ايم ڪيو ايم ڇو سنڌ ۾ ضلعي حڪومتن جي خاتمي تي واويلا پئي ڪري؟ ايم ڪيو ايم ڇو موجوده پ پ حڪومت طرفان مڪاني نظام جي تيار ڪيل نئين قانوني مسودي کي حتمي شڪل ڏيڻ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي؟ ايم ڪيو ايم ڇو حيدرآباد کي اڳوڻي ضلعي حيثيت ۽ ڪراچي کي پراڻن پنجن ضلعن ۾ بحال

ڪرڻ نٿي چاهي؟ ايم ڪيو ايم ڇو هميشہ ڪوٽا سسٽم جي مخالفت ڪندي رهي آهي؟ ڇو ايم ڪيو ايم ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي شاگردن جي داخلا تي پابندي لڳايو ويٺي آهي؟ ايم ڪيو ايم ڇو ڪراچي ۾ سنڌي ڳوٺن کي بلڊوز پئي ڪرائي؟ ايم ڪيو ايم ڇو ڪالاباغ ڊيم سميت سنڌين جي زندگي ۽ موت سان لاڳاپيل اهم معاملن تي هميشہ خاموشي جي بيماري ۾ مبتلا رهي آهي؟ بهرحال ايم ڪيو ايم جي وجود سان سنڌ جي حق حاڪميت ڪمزور ٿي رهي آهي، جو اهو حق هميشہ ايم ڪيو ايم وٽ ٿي يرغمال بڻيل رهي ٿو.

جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي تہ سنڌ جي قومي حقن ۽ مفادن جي ڦرلٽ ۾ پنجابي ۽ مهاجر قوتون ٿي ملوث رهيون آهن، پر جيئن تہ انهن ٻنهي قوتن مان هڪ قوت يعني ڦورو مهاجر ٽولو سنڌ ۾ ئي وجود رکي ٿو ان ڪري اهوئي دراصل سنڌي عوام جي قومي حقن ۽ وسيلن جي ڦرلٽ ۾ بہ پيش پيش رهيو آهي. ان ڪري اهڙي صورتحال سبب ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي سنڌي ماڻهن جو اندروني/ داخلي وڏو تضاد دراصل ڦورو مهاجر ٽولي ۽ ان جي نمائنده تنظيم ايم ڪيو ايم سان ئي آهي. جڏهن تہ سنڌي عوام جو ٻاهريون/ خارجي تضاد پنجابي بالادست قوت سان آهي، جيئن تہ انقلابي سائنس مطابق اندروني/ داخلي تضاد ئي دراصل مک، بنيادي ۽ فيصلا ڪن تضاد هجن ٿا، ان ڪري سنڌي عوام جي قومي حقن ۽ مفادن جي حاصلات لاءِ قومي جدوجهد ۾ مصروف سنڌ جون وطن دوست ۽ قومپرست ڌريون بہ جيستائين سنڌي قوم سان لاڳاپيل بنيادي ۽ غير بنيادي تضادن ۾ توازن آڻي، انهن کي مخصوص سياسي اسٽريٽجي سان نہ ٿيون ڪٽن، تيستائين اسان جي قومي جدوجهد جو ڪاميابي سان هم ڪنار ٿيڻ بہ ڏاڍو ڏکيو ٿو ڀاسجي.

## (5) جاگيرداريت:

هونئن تہ جاگيرداري نظام ڪڏهوڪو پنهنجي طبعي عمر پوري ڪري عوام لاءِ مدي خارج ۽ عوام دشمن بڻجي، پنهنجي سياسي، سماجي، رياستي توڙي اقتصادي نظام هجڻ واري حيثيت ۽ اهميت وڃائي ختم ٿي چڪو آهي. دراصل يورپ ۾ ارڙهين صديءَ جو فرينچ سرمائيدار انقلاب جاگيرداريت لاءِ جڻ تہ وڏو موت ثابت ٿيو جنهن جاگيرداري ۽ ان جي سمورن مردار، مدي خارج ۽ عوام دشمن قدرن، مفادن ۽ قوتن کي عملي طور تاريخ ۾ دفن ڪري ڇڏيو پر جيئن تہ سماجي ترقي ۽ اوسر جي رفتار مختلف علائقن، هنڌن ۽ خطن ۾ اتان جي مخصوص معروضي حالتن سببان مختلف سطحن ۽ ڏاڪن تي هجي ٿي، ان ڪري جتي جاگيرداري نظام پنهنجي سمورن عوام دشمن قدرن ۽ مفادن سميت يورپ ۽ آمريڪا مان مڪمل طور ختم ٿي ويو. اتي اهو ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ اڃ بہ پساهہ کڻي رهيو آهي، نہ رڳو پساهہ کڻي رهيو آهي پر انهن خطن جي سماجن ۽ رياستن تي قابض قوتن پنهنجي ناجائز مفادن ۽ اسٽيٽسڪو کي برقرار رکڻ لاءِ جاگيرداري نظام جهڙي عوام لاءِ ڪوڙهہ بڻجي ويل مدي خارج نظام ۽ ان جي عوام دشمن اڳواڻ قوتن کي هر طرح سان مصنوعي طور مضبوط ۽ طاقتور بنائڻ جا بہ بندوبست ڪيا ۽ اهڙا بندوبست هتي اسان وٽ بہ اسان جي سماج ۽ رياست جي بالادست قوتن طرفان ڪيا ويا آهن،

اهوئي سبب آهي جو هتي اسان وٽ جاگيرداريت جهڙو عوام دشمن نظام ڪمزور ٿيڻ بدران وڌيڪ طاقتور ۽ سگهارو بڻجي اڀريو آهي. بهرحال مردار جاگيرداري نظام ۽ ان جي عوام دشمن اڳواڻ قوتن هتي اسان کي يعني سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي هيٺيان وڏا نقصان پهچايا آهن.

1 _ جاگيرداريت سببان قبائلي دهشتگردي ۾ ويڙهه ۾ اضافو ٿيو آهي. جنهن نه رڳو علائقي ۽ قومي سطح تي اڪيچار خوني تڪرارن کي جنم ڏنو آهي پر مجموعي طور سڄي قوم کي ڪمزور، ڇڙوڇڙ ۽ هڪ ٻئي جو ويري بڻائي ڇڏيو آهي. اها سڄي صورتحال دراصل سنڌي عوام جي قومي ٻڌي، ايڪي ۽ اتحاد ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي.

2 _جاگيرداريت سنڌ جي حق حاڪميت کي ڪمزور ڪيو. جو سنڌ جا چونڊيل وڏيرا، جاگيردار ۽ سردار وڪائو وکر ثابت ٿيا.

3 _ جاگيرداريت جرڳا سسٽم ذريعي آئين ۽ قانون کي مذاق بڻائي ڇڏيو آهي.

4 _ جاگيرداريت سببان عوام جي وڏي اڪثريت عوام دشمن جاگيردار طبقي جي رحم ڪرم تي آهي ۽ اهوئي طبقو سندن زندگي ۽ موت جا فيصلا ڪري ٿو.

5 _ جاگيرداريت اسان جي سنڌي سماج جي شهري وچولي طبقي ( Middle Class ) جي فطري ترقي ۽ اوسر کي به وڏو ڌڪ هنيو آهي. جنهن سببان اسان جو وچولو طبقو نه ڪو سماجي طور پنهنجا پير پختا ڪري اڳتي وڌي سگهيو آهي ۽ نه ڪو وري اسان جي قومي تحريڪ ۾ ڪو وڏو، مضبوط، طاقتور يا سگهارو ڪردار جڙي سگهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي قومي جدوجهد به ڀرپور نتيجا ڏيڻ کان قاصر آهي.

6 _ جاگيرداريت سببان اڌ انساني آبادي يعني عورتن کي هر قسم جي سياسي، سماجي، مذهبي، قانوني ۽ اخلاقي حقن کان محروم رکي غلام ۽ محڪوم بڻايو ويو آهي.

7 _جاگيرداريت سببان ڪاروڪاري جهڙي واهيات، بيهوده ۽ انسان دشمن رسم کي هٿي ڏئي ان کي ڪاروبار بڻايو ويو آهي.

8 _جاگيرداريت عورت دشمن قدرن، روين ۽ مفادن کي سگهارو ۽ مضبوط بڻايو.

9 _ جاگيرداري نظام ۽ ان جون اڳواڻ قوتون دراصل سنڌ ۾ ڀرپور سطح جي سياسي، سماجي تبديلي آڻڻ ۾ رڪاوٽ ثابت ٿيون آهن. انهن کي ڪمزور يا شڪست ڏيڻ کانسواءِ تبديلي واري عمل کي اڳتي وڌائي نٿو وڃي سگهجي.

10 _ جاگيرداريت وطن دوست قومي سياست جي اوسر ۽ مضبوطي ۾ پڻ رڪاوٽ بڻيل آهي.

دراصل جاگيرداريت جي خاتمي جو سوال اسان جي صوبائي ۽ قومي خود مختياري لاءِ هلندڙ قومي جدوجهد سان ئي لاڳاپيل آهي، جنهن کي جيستائين منظم ۽ گهڻ طرفي نموني جدوجهد هلائي ڪمزور يا ختم نٿو ڪيو وڃي، تيستائين اسان جي قومي جدوجهد جي ڪاميابي ۾ هڪ سوال بڻيل رهندي.

# 1973ع جو آئين ۾ صوبائي خودمختياري

1973ع وارو آئين بہ دراصل 1935 واري گورنمينٽ آف انڊين ايڪٽ ۽ ان ڪانپوءِ پاڪستان ۾ آيل 1956ع ۽ 1962ع واري آئين جي بنياد تي ٺهيل هڪ آئين آهي جيڪو ملڪ ۾ رڳو پنجابي ۽ مهاجر قوتن جي ناجائز ۽ عوام دشمن مفادن کي هر طرح جو آئيني، قانوني ۽ سياسي جواز فراهم ڪري ٿو. ان ڏس ۾ سائين ابراهيم جويو لکي ٿو: "مرڪز تي پنجاب ۽ مهاجر ڪامورا شاهي جي قبضي کي سڀ کان وڏي هٿي برطانوي سامراج جي تيار ڪيل آئين "انڊين رولز ايڪٽ 1935" ڏني. جنهن کي پاڪستان حڪومت نئين آئين جي تياري تائين عبوري آئين قرار ڏنو اهو ايڪٽ برطانوي آقائن طرفان غلام هندستان تي پنهنجي گرفت مضبوط رکڻ خاطر مضبوط مرڪز ۽ مڪمل طور محتاج صوبن جي فارمولا تحت جوڙيو ويو. پاڪستان ۾ هن وقت جيڪي ٽئي آئين(1973ع – 1962ع – 1954ع) جڙيا آهن، سي بنيادي طرح ان فارمولي تي ٻڌل آهن، ان فارمولي تحت آئين جوڙائي سدائين پنجاب ٻين قومن کي پنهنجي آئيني غلاميءَ ۾ جڪڙي رکندو رهيو آهي ۽ جڏهن پنجاب لاءِ آئيني طريقي سان قبضو رکڻ مشڪل ٿي پوندو آهي تہ يڪدم فوج ڪشيءَ ذريعي پاڪستان جي اقتدار اعليٰ تي قابض ٿي ويندو آهي.(1)°

يا وري ٻي هنڌ لکي ٿو:

"1973ع جي آئين ۾ بہ مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ اختيارن جي ورهاست ڪندي انهن سمورين قراردادن ۽ واعدن کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو ويو جيڪي پاڪستان جي تحريڪ دوران ان متعلق ڪيا ويا هئا. ان جي ابتڙ 1973ع جي آئين جو بنياد بہ مضبوط مرڪز ۽ محتاج صوبن جي فارمولي تي رکيو ويو جنهن کري اهو بہ "پنجابي حاڪميت جو قانوني دستاويز" بڻجي پيو جنهن کي ان وقت ٽئي سنڌ جي قومپرست ۽ ترقي پسند قوتن ون يونٽ جي نئين شڪل قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو هو." (2)

---

°(1) محمد ابراهيم جويو سنڌ جي قومي مسئلي جا بنياد (مقالو: "سنڌ ڪيس،" سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي حيدرآباد، صفحو 29

(2) ساڳيو صفحو 34

دراصل 1973ع جي آئين ۾ صوبن جي اختيارن ۽ خود مختياري جي باري ۾ ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي ڪيل۔ جيڪا 1935ع واري انڊين ايڪٽ يا 1956ع ۽ 1962ع وارن آئينن ۾ ڪيل ڳالهين کان مختلف هجي. مطلب 73ع جو آئين بہ قومن جي تاريخي وجود، جائز قانوني اختيارن ۽ خود مختياري نفي ڪندڙ ۽ هڪ شديد مرڪزيت پسند آئين ئي آهي. جنهن جو هڪ ثبوت اهو بہ آهي تہ ان آئين ۾ صوبن جي اختيارن جي لسٽ جو ڪو وجود ئي نہ آهي. رڳو ٻہ لسٽون آهن، هڪ وفاق جي اختيارن جي لسٽ ۽ ٻي آهي گڏيل اختيارن جي لسٽ. ائين دراصل صوبن جا سمورا جائز آئيني، قانوني، سياسي توڙي رياستي اختيار وفاق جي قبضي ۾ ئي آهن. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان ۾ شامل سمورا صوبا ۽ قومون پاڻ کي " وفاق" جو ڳيجهو ۽ غلام تصور ڪن ٿيون. جيتوڻيڪ 1973ع جو آئين جڏهن ناهي تيار ڪيو ويو هو تہ ان وقت ئي ملڪ جي ننڍن صوبن ۽ قومن سخت اعتراض ڪيا هئا ۽ اها ڳالهہ رڪارڊ تي رکي تہ 73ع جي آئين ۾ صوبن کي خود مختياري ملڻ تہ ٺهيو انهن کي مورڳو وفاق جو محتاج ۽ ڳيجهو بڻايو ويو آهي. پر جيئن تہ تنهن وقت ملڪ جو تازو ئي 1971ع واري سانحي سببان ورهاڱو ٿي چڪو هو ان ڪري پاڪستان جي ننڍن صوبن کي اهو آسرو ڏيئي ماٺ ڪرايو ويو تہ ملڪ ڪمزور ٿي چڪو آهي، في الحال مرڪز/ وفاق وٽ سمورا ذريعا رکڻ ضروري آهن تہ جيئن اهو ڪجهہ مضبوطي حاصل ڪري سگهي بعد ۾ ڏهن سالن ڪانپوءِ ڪنڪرنٽ لسٽ جو خاتمو آڻي صوبن جا سمورا اختيار صوبن حوالي ڪيا ويندا. پر اسان ڏٺو آهي تہ 38 سال گذرڻ باوجود وفاق پنهنجي جائز ۽ ناجائز اختيارن ۾ اضافو ڪندي، پاڻ کي هر طرح سان مضبوط ۽ طاقتور تہ بڻائيندو رهيو آهي پر هن ڪڏهن بہ ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪرڻ واري وعدي تي نہ عمل ڪيو آهي نہ ڪو وري صوبن جا اختيار صوبن کي واپس ڪيا آهن. جنهن ڪري ملڪ جي ننڍن صوبن ۽ قومن ۾ جتي سياسي ۽ رياستي سطح تمام گهٽي احساس محرومي پيدا ٿي آهي، اتي وري وفاق خلاف چڙ، ڪاوڙ ۽ نفرت جا جذبا بہ پروان چڙهيا آهن.

جيتوڻيڪ موجوده پ پ حڪومت طرفان 1973ع جي آئين ۾ مختلف حڪومتي دورن دوران ڪيل اڪيچار غير ضروري ترميمن جي خاتمي ۽ صوبائي خودمختياري جي حوالي سان سينيٽر رضا رباني جي اڳواڻي ۾ هڪ آئيني ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن تازو ئي پنهنجو ڪم مڪمل ڪري 17 هين ترميم جو خاتمو آڻيندي، 18 هين ترميم جون سفارشون وفاقي حڪومت کي ڏيندي ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي." 1 ۔ محمد ابراهيم جويو. سنڌ جي قومي مسئلي جا بنياد (مقالو) صفحو 29 "سنڌ ڪيس" سينٽرل فار پيس اينڊ سوسائٽي حيدرآباد 2 ۔ ساڳيو. صفحو 34. پر سوال اهو آهي تہ آئيني ڪميٽي جي ان آئيني پيڪيج مان ملڪ جي ننڍن صوبن ۽ قومن کي ڇا مليو؟ ان ڏس ۾ اسان جي حڪومتي ڌرين جو چوڻ آهي تہ آئيني پيڪيج مان صوبن کي خودمختياري ملي وئي آهي، ڪنڪرنٽ لسٽ جو خاتمو اچي ويو

آهي. اهوئي دراصل ملڪ جي ننڍن صوبن ۽ قومن کي وڏو فائدو آهي، بهرحال منهنجي خيال ۾ ڳالهه ايتري سادي ناهي هڪ تہ ڪنڪرنٽ لسٽ جا سمورا اختيار ۽ اسم صوبن کي ڏنائي ناهن ويا، ان ڪري، ان کي ڪنڪرنٽ جو مڪمل طرح خاتمو چئي ٿو سگهجي، ڪنڪرنٽ لسٽ جو خاتمو صحيح معنيٰ ۾ تڏهن ٿئي ها، جڏهن ان ۾ شامل ون ٿو آل اختيار ۽ اسم صوبن حوالي ڪيا وڃن ها، جڏهن تہ ان جي ابتڙ حقيقت اها آهي تہ هڪ طرف ڪنڪرنٽ لسٽ جا سيلز ٽيڪس، انڪم ٽيڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي ۽ بجلي ٽيڪس اوڳاڙي وارا مک اختيار دراصل وفاق پنهنجي قبضي هيٺ رکي ڇڏيا آهن تہ وري ٻي طرف صوبن جي بندرگاهن ۽ قدرتي وسيلن جي مالڪي وارا اختيار سي سي آءِ (Council of Common Interest) جي حوالي ڪري صوبن کي صرف انڌا منڊا ۽ ڪنهن بہ ڳٽپ ۾ نہ ايندڙ اختيار ڏنا ويا آهن، ان ڪري اهڙن انڌن منڊن ۽ اڌورن اختيارن سببان مليل صوبائي خودمختياري خود هڪ وڏو سوال بڻيل آهي، ٻيو تہ ڪنڪرنٽ لسٽ جو جيڪڏهن خاتمو آندو بہ ويو آهي تہ آئين مطابق ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي بعد صوبائي اختيارن جي لسٽ کي آئين جو حصو بنائڻو آهي، سوال آهي تہ اها صوبائي اختيارن جي لسٽ ڪٿي آهي؟ آئيني پيڪيج ۾ ان کي تہ ظاهر ئي ناهي ڪيو ويو، اها تہ گم لڳي پئي آهي. اهڙن صوبائي اختيارن کي ڪهڙي معنيٰ ڏجي جنهن جي اختيارن جي لسٽ ئي غائب هجي؟ بهرحال پاڻ ائين چئي سگهون ٿا تہ آئيني ڪميٽي جي ان آئيني پيڪيج مان ننڍن صوبن خاص طور سنڌ ۽ بلوچستان کي ڪوبہ ٽڪي پيسي جو بہ فائدو ناهي مليو.“ (3)°

بهرحال 1973ع جي آئين ۾ پلي ڪيتريون بہ ترميمون ڪيون وڃن، ان ۾ ڪيترا بہ سڌارا ۽ واڌارا ڪيا وڃن، پلي ڪٽي ان مان ڪنڪرنٽ لسٽ ختم بہ ڪئي وڃي پر اهو ملڪ جي ننڍين مظلوم قومن ۽ صوبن کي مڪمل صوبائي خودمختياري ڏيڻ جي حامل آهي ئي نہ. تنهن ڪانسواءِ 1973ع واري آئين جي جيڪا ٿوري گهڻي اهميت وغيره هئي بہ تہ اها مختلف حڪومتن خاص طور غير جمهوري ۽ فوجي حڪومت دوران ڪيل غير ضروري ۽ ناجائز ترميمن سببان ختم ٿي چڪي آهي ۽ ايئن اسان جو ملڪي آئين مدي خارج ۽ مرٽينگ بڻجي، پنهنجي سياسي، آئيني ۽ قانوني حيثيت توڙي اهميت وڃائي چڪو آهي. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ جيستائين هن ملڪ جي خالق قانوني دستاويز يعني 1940ع واري ٺهراءَ

مطابق هن ملڪ ۽ ان ۾ شامل سمورن صوبن ۽ قومن کي هڪ نئون آئين نٿو ڏنو وڃي، تيستائين هن ملڪ ۾ صوبائي خودمختياري جو سوال صرف سوال ئي بڻيل رهندو.

---

°3 ـ اياز علي، “ايم ڪيو ايم، نون صوبن جي ڳالهه ۽ آئيني پيڪيج” آرٽيڪل روزانہ عبرت حيدرآباد، 11 اپريل 2010ع

# صوبائي خودمختياري ڪانسواءِ
# پاڪستان هلي سگهندو؟

اها حقيقت آهي تہ پاڪستان پنهنجي تاريخ جي هڪ عجيب ۽ بحراني دور مان گذري رهيو آهي، هڪ طرف هن ملڪ ۽ ان جي رياست تي هڪ طرف پنجابي - مهاجر قوتون ملڪ جي ننڍين مظلوم قومن ۽ صوبن کي مڪمل صوبائي ۽ قومي خودمختياري ڏئي، منهنجي ناجائز طاقت ۽ اختيارن جي مرڪزيت تان هٿ ڪڻڻ لاءِ تيار ناهن ۽ سندن ملڪ تي ناجائز قبضوءِ اسٽيٽسڪو جيئن جو تيئن برقرار آهي، جنهن سببان ننڍين قومن ۽ صوبن جي عوام ۾ نفرت ۽ احساس محرومي جهڙا بئي عنصر گڏ وچڙ ايري سگهارا ٿي رهيا آهن تہ وري ٻي طرف ننڍين قومن ۽ صوبن ۾ صوبائي ۽ قومي خودمختياري وارو مطالبو بہ روز وڌندو پيو وڃي، ان ڏس ۾ تازو ويجهڙائي ۾ عوامي تحريڪ جو ڪنڊڪوٽ کان ڪراچي تائين هزارين ۽ لکين ماڻهن جو ڪيل تاريخي عوامي لانگ مارچ، جسقم جي فريڊم ريلي ۽ ايس ٽي پي جي 21 فيبروري تي ”ڪراچي سنڌ آهي“ واري ڪراچي ۾ ڪيل سوين هزارين ماڻهن جي شاندار ريلي جي صورت ۾ ڪيل زبردست احتجاج کي ثبوت طور پيش ڪري سگهجي ٿو جن ۾ سنڌي عوام نہ صرف هن ملڪ ۽ ان جي رياست جي بالادست قوتن کي هڪ – آواز ٿي ڀرپور للڪار ڏني پر اها للڪار سنڌي عوام جي قومي ظلم ۽ ڦرلٽ خلاف ظاهر ظهور ۽ کليل نفرت، چڙ ۽ ڪاوڙ جو بہ اظهار هئي، جيڪا رڪارڊ تي بہ آهي، بهرحال ان سڄي صورتحال کي ڏسندي اهو سوال فطري طور پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا صوبائي خودمختياري ڪانسواءِ هاڻ هي ملڪ هلي سگهندو؟ ان ڏس ۾ منهنجو تہ دراصل اهو گهڻي وقت کان هڪ سوچيل سمجهيل تجزيو رهيو آهي تہ جيڪڏهن هن ملڪ ۾ ننڍين مظلوم قومن ۽ صوبن کي 1940ع واري ٺهراءَ تحت آئيني ۽ قانوني طور ڏنل مڪمل قومي خودمختياري ۽ خود اختياري واري ضمانت ۽ ڪيل واعدي مطابق صوبائي ۽ قومي خودمختياري نٿي ڏني وڃي ۽ کين رياستي اختيارن توڙي وسيلن ۾ جائز حق ۽ حصو ڏئي، سندن سڀ طرفي، ترقي، بهتري ۽ خوشحالي جا هڪجهڙا، هڪ ڪرا گهربل بندوبست ڪري ملڪ ۾ قومن جي برابري واري شراڪت جي بنياد تي هڪ حقيقي، عوام دوست ۽ توازن ڀريو وفاقي پارلياماني سياسي نظام جي اڏاوت نٿي ڪئي وڃي ۽ مجموعي طور هن ملڪ ۾ قومي ظلم ۽ ڦرلٽ وارو ڏنڊو جيئن جو تيئن جاري

رهيو ۽ ان جو خاتمو نٿو آندو وڃي تہ پوءِ منهنجي خيال ۾ هن ملڪ ۽ ان جي رياست تي قابض پنجابي ۽ مهاجر بالادست قوتن خلاف گذريل 63 سالن کان نندين مظلوم قومن ۽ صوبن ۾ پيدا ٿيل نفرت ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال دراصل پنهنجي ميچوئر حالت تي پهچي، هڪ اهڙو تہ منطقي نتيجو (Logical end) ظاهر ڪندي، جو نہ رڳو هن ملڪ ۾ پنجابي ۽ مهاجر قوتن جي ناجائز قبضي ۽ بالادستي برقرار رهڻ جا سمورا امڪان ختم ٿي ويندا، پر ملڪ ۾ 1971ع واري هڪ ٻي وڏي سانحي جا بہ امڪان رهن ٿا. جيتوڻيڪ 1971ع وارو سانحو پاڪستان جي تاريخ جو هڪ وڏو حادثو هو جنهن جو پاڪستان ۽ ان جون بالادست قوتون ڪٽي ڏڪ پچائي بہ ويون پر مان سمجهان ٿو تہ هاڻي جيڪڏهن هن ملڪ جي بالادست قوتن جي بڇڙن پرڪارن سببان ملڪ ڪي اهڙو ڪو ٻيو امڪاني طور حادثو پيش آيو تہ اهو ايترو تہ ڳرو، شديد ۽ خوفناڪ هوندو، جو پاڪستان نہ ڪو ان جو ڏڪ پچائي سگهندو ۽ نہ ڪو وري وفاق بچي سگهندو. جيڪڏهن ائين ٿيو ۽ اڳتي هلي وقت منهنجي هن تجزيي کي صحيح ثابت ڪيو. (مان ذاتي طور تي نٿو چاهيان تہ وقت منهنجي هن تجزيي کي صحيح ثابت ڪري، ڇاڪاڻ تہ منهنجو هي تجزيو هن ملڪ ۽ ان جي مستقبل جي حوالي سان مثبت نہ پر منفي نتيجن جو ئي حامل آهي، پر ڇا ڪجي، هن پاڪستان جو معروضي ۽ سياسي حالتون ئي اهڙيون آهن، جيڪي اهڙي تجزيي ۽ نتيجي ڪڍڻ تي مجبور ڪن ٿيون، هونئن بہ حالتن جا تجزيا ۽ نتيجا ڪنهن خواهش يا ڪنهن جي چاهڻ يا نہ چاهڻ جا محتاج ناهن هوندا، انهن جي پيدا ٿيڻ جا اصل سبب ۽ محرڪ دراصل سياسي ۽ معروضي حالتن سان گڏ انيڪ ۽ گهڻ طرفا تضاد ۽ حقيقتون ئي هجن ٿيون) تہ پوءِ سچ پڇو تہ فائدو ڪنهن کي بہ نہ ملندو ۽ ڪنهن جا بہ مفاد محفوظ نہ هوندا.

# مددي ڪتاب ۽ مضمون


1- Eight Lives: A study of Hindu- Muslim Encounter- Raj Mohan Gandhi.
2- Partition of India: Legend and Reality- H. M Seervai.
3- Jinnah, India Partition and Independence- Juswant Singh.
4- Pakistan of Jinnah- Ahmed Saleem.
5- Pakistan Under Change- L. F Rush Brook.
6- Constitutional History of Pakistan- Syed Muhammad-un- Nasir.
7- The Constitution of Pakistan 1973- M. Rafiq Butt.


**Articles**


1- Foundation and Dynamics of Gunine Federation in Pakistan.
Rasool Bux Palijo, Quarterly " Freedom" Hyderabad.
2- Endless constitution crisis
Dr Moonis Ahmar, " Daily Times" Karachi. 23 March 2010.
3- Provincial Autonomy in Historical Perspective: A Case Study of Sindh.
Dr Aman Memon, Quarterly " Freedom" Hyderabad.
4- Pakistan: Idiology and Dictator ship.
M. Akram Shaheedi, Daily " Dawn" 23 March 2010.
5- March 23, 1940 its impact.
M. Shafique Ahmed. Daily " Dawn" 23 March 2010.
6- Politics of Republic and Democracy.
Hussain Askari Rizvi. Daily " Dawn" 24 March 2010.


## اردو ڪتاب


1_ پاڪستان، رياست اور اس ڪا بحران ..................... حمزه علوي
2_ پاڪستاني رياست ڪو درپيش بحران ................ وجاهت مسعود
3_ پاڪستان ڪا مقدر ................................................. زبير رانا
4_ پاڪستان ڪيسي بنا؟ ........................................ زاهد چوڏري
5_ پنجابي_ مهاجر تضاد.......................................... زاهد چوڏري
6_ ڪيا هم اڪٺهي رهہ سڪتي هين .............پروفيسر عزير الدين
7_ پنجاب اور بيروني حملا آور ...................... پروفيسر عزيز الدين


## سنڌي ڪتاب


1_ پاڪستاني رياست جو بحران ۽ قومي سوال .................جامي چانڊيو
2_ پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت جو بحران ۽ قومي خودمختياري... جامي چانڊيو
3_ پاڪستان جا بحران ۽ انهن جو حل .................... ڊاڪٽر مبشر حسن
4_ سنڌ ڪيس .................................................. سهيڙ: جامي چانڊيو
5_ سنڌ منهنجي خوابن جي ............................................ ابراهيم جويو

## سنڌي مضمون

1 ـ صوبائي خودمختياري جو مطلب ڇا آهي؟ ..... جامي چانڊيو
پندرنهن وار "افيئر" ڪراچي: 31 جنوري 2010ع
2 ـ آئيني ڪميٽي ۽ صوبائي خودمختياري جو سوال..... اياز علي
روزاني "عبرت" حيدرآباد: 28 مارچ 2010ع
3 ـ ايم ڪيو ايم، نون صوبن جي اڳالهه ۽ آئيني پيڪيج ... اياز علي
روزاني "عبرت" حيدرآباد: 11 اپريل 2010ع
4 ـ چارٽر آف ڊيموڪريسي ۽ نواز ليگ جون فرمائشون.... علي آڪاش
روزاني "عبرت" حيدرآباد: 5 مارچ 2010ع
5 ـ ڇا اوپر پاڪستان ڊار ٽيڻ جو ڪارڻ ذوالفقار علي ڀٽو هو؟.....
ذوالفقار قادري، روزاني "ڪاوش" حيدرآباد 2003ع